
HAPPY
New Year
2025
MONLTHY
SINDH
ZARA'AT
JANUARY 2025
نئون سال مبارڪ
آن لائين
ماهوار
سنڌ زراعت
جنوري
2025

# سردار محمد بخش خان مهر
# صوبائي وزير زراعت، حڪومت سنڌ جون مصروفيتون





# سنڌ زراعت

# Sindh Zara'at

جنوري 2024 | شمارو: 01


- **نگران اعليٰ**

**سردار محمد بخش خان مهر**

(وزيرِ زراعت, سپلاءِ ۽ پرائيسز سنڌ)

- **نگران**

**سهيل احمد قريشي**

سيڪريٽري

زراعت, سپلاءِ ۽ پرائيسز سنڌ

- **چيف ايڊيٽر**

**منير احمد جماڻي**

ڊائريڪٽر جنرل زرعي توسيع سنڌ

- **ايڊيٽرس**

ابرار احمد مجيداڻو

منير احمد ڪاڪا

- **جوائنٽ ايڊيٽرس**

فهيم احمد قريشي

فرحين اُڇڻ

- **سرڪيوليشن انچارج**

محسن خان سهتو

- **فوٽو گرافي**

الطاف حسين اوڍو، جميل چانڊيو ۽ جابر لغاري

- **ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ**

علي انور لغاري


## سٽاءُ


| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| .1 | جنوري مهيني جا زرعي ڪم ڪار | 05 |
| .2 | ڪڻڪ جي فصل جي سارسنڀال | 06 |
| .3 | انب جا مکيہ نقصانڪار جيت ۽ انهن جو تدارڪ | 07 |
| .4 | زراعت ۾ ٻج جي اهميت | 08 |
| .5 | پٽا، گڏيل فصل پوکڻ ۽ ماڊل فارم تيار ڪرڻ لاءِ صلاحون | 09 |
| .6 | بصرن جو زرعي ڪم ڪار | 11 |
| .7 | صحت ۽ زراعت | 12 |
| .8 | زرعي توسيع زراعت کاتو حڪومتِ سنڌ جون سرگرميون | 13 |
| .9 | مرچن جي فصل جو ماهوار زرعي ڪم ڪار | 17 |
| .10 | فصلن جي پيداوار ۽ پوٽاشيم | 19 |
| .11 | آبادگار پنهنجي زراعت کي ڪاروبار ۾ تبديل ڪري فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا | 21 |
| .12 | ٽريڪٽر ۽ ان جي سارسنڀال | 23 |
| .13 | نامياتي پوک ۾ جيتن ۽ بيمارين لاءِ اُپاءُ وٺڻ | 24 |
| .14 | ڦرن جون بيماريون ۽ علاج | 25 |
| .15 | CLIMATE-SMART AGRICULTURE | 26 |



**ڊائريڪٽوريٽ زرعي اطلاعات ۽ آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز، زرعي توسيع سنڌ**

بلاڪ ايف، شهباز بلڊنگ، حيدرآباد

**فون:** 022-9201276 ,022-9200108: ،03111646111

www.ictagrisindh.gov.pk; Email: dir.infoagriext@gmail.co



# پيغام

**سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار**

**دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين**

آبادگار ساٿيو نئين سال جون اوهان کي مبارڪون هجن. هن دعا سان تہ هي سال اسان سڀني لاءِ رحمت بڻجي ۽ وطن عزيز سدائين خوشحال ۽ سرسبز ٿئي.

ساٿيو! جنوري جو مهينو زرعي ڪم ڪار جي حوالي سان وڏو اهم آهي، خاص ڪري ڪڻڪ جي فصل جي بهتر سارسنڀال ۽ واڌ ويجهہ وارن مرحلن تي پاڻي ڏيندا رهو ڇاڪاڻ تہ واڌ وارن مرحلن ۾ پاڻي جي کوٽ سبب پيداوار متاثر ٿيندي. باغن جي روزانو جي بنياد تي جانچ ڪريو جتي باغن ۾ جيت يا بيمارين جا اهڃاڻ نظر اچن اتي هڪدم حد جي زرعي ڪارڪن جي رهنمائي سان ان جو تدارڪ ڪريو. ڀاڄين جي فصلن ۾ گهم ۽ ٽڏ جي ڪري بيمارين ۽ جيتن جو حملو ٿي سگهي ٿو ان طرف پڻ توجهہ جي ضرورت آهي.

هن سردي وارن مهينن ۾ پنهنجي چوپائي مال جي پڻ حفاظت ڪريو خاص ڪري ننڍن ڄاول ڦرن کي سيءُ کان بچايو ۽ حفاظتي ٽُڪا لڳرايو تہ جيئن اهي تندرست رهن.

پنهنجي واٽرڪورس جي صفائي ۽ پڪي ڪرائڻ طرف پڻ توجهہ جي ضرورت آهي ڇاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ سان پاڻي جي بچت ٿيندي جنهن تي وري ٻيا فصل پوکي سگهجن ٿا.

سات سلامت

**منير احمد جماڻي**

ڊائريڪٽر جنرل

زرعي توسيع زراعت کاتو

حڪومتِ سنڌ

# جنوري مهيني جا زرعي ڪم ڪار

## زرعي تحقيقي ادارو ٽنڊوڄام

**ڪڻڪ:** ڪڻڪ جي فصل مان گندگاهه جو خاتمو ڪرڻ گهرجي. جهڙوڪ: هٿ سان صاف ڪرڻ يا گاهه مار زرعي زهرن جو استعمال ڪرڻ گهرجي. ڪڻڪ پوکڻ کانپوءِ 8 هفتن جي اندر خاتمو ڪرڻ گهرجي ڇو ته 6 کان 8 هفتن جي وچ ۾ گندگاهه کي آساني سان ختم ڪري سگهجي ٿو ڇو ته گندگاهه نرم واڌ واري مرحلي ۾ هوندو آهي. ڪڻڪ جي فصل کي ضرورت مطابق پاڻي ڏيڻ گهرجي. چاڪاڻ جو واڌويجهه وارن مرحلن ۾ پاڻي جي کوٽ سبب ڪري پيداوار متاثر ٿئي ٿي.

**برسيم:**

1. برسيم جو تيار فصل مارڪيٽ موڪلڻ گهرجي ۽ گهرج مطابق پاڻي ڏنو وڃي ۽ هر لوپ کانپوءِ پاڻ ڏئي پاڻي ڏجي.
2. هر لوپ کانپوءِ نائتروجن پاڻ ڏيڻ سان فصل تڪڙو واڌ ڪري ٿو.
3. برسيم جو چارو تڏهن لڻجي جڏهن بوٽا لڳ ڀڳ 10 انچ اوچائي وارا هجن.
4. لوپ هميشه زمين کان 1 کان ڏيڍ انچ مٿي ڪجي جيئن فصل وري نئين واڌ ڪري.

**وونئڻ:**

- آبادگارن کي صلاح ڏني وڃي ٿي ته ربيع جي فصلن جي پوک مقرر ڪيل وقت اندر مڪمل ڪن.
- ووننڻ جو ٻج ايندڙ سال لاءِ مختلف قسمن جي حساب سان ذخيرو ڪيو وڃي ۽ ان کي صحيح طرح سان سڪائجي (7 کان 10 سيڪڙو گهم جي حد اندر) ته جيئن بهتر واڌ جي شرح حاصل ڪري سگهجي.

**تيلي ٻجن جا فصل:**

**سُورج مُکي:** آڳاٽي پوکيل فصل مان ڏڙڱُڏ ۽ ڇڊائي ڪئي وڃي. فصل جتي گُل جهلڻ يا مال جهلڻ واري حالت ۾ هجي ته ٽڏ ۽ ڪوهيڙي کان بچاءَ لاءِ آبپاشي ضرور ڪئي وڃي. فصل کي جهار کان ۽ نقصان ڏيندڙ جيتن کان بچايو وڃي.

**سرنهن ۽ توريو:** فصل گل جهلڻ تي آهي، ٻي آبپاشي پاڻ سان گڏ ڪئي وڃي. فصل کي روزانه جي بنياد تي جانچيو وڃي جيڪڏهن گندگاهه نظر اچي ته ڏڙڱُڏ شروع ڪئي وڃي.

**هيرڻ:** فصل کي روزانه جانچجي. فصل جي گهرج مطابق آبپاشي ڪجي. تيار تيل چڱا چونڊي ڇڏجن.

**پواڙي:** فصل ۾ ڇڊائي ڪئي وڃي. وارابندي کان پهرين پاڻي ڏنو وڃي.

**ڪمند جو فصل:**

- وڏائي کان هڪ مهينو پهرين تيار تيل فصل جي آبپاشي بند ڪئي وڃي.
- تيار تيل فصل جي وڍ ڪنهن تيز ڌار واري اوزار سان زمين جي سطح کان ڪئي وڃي.
- وڍ تيل ڪمند جون لنون شگر ملز ڏانهن جلدي موڪليون وڃن.
- جيڪڏهن وڏائي تيل ڪمند جون لنون شگر ملن ڏانهن موڪلڻ ۾ دير هجي ته انهن کي ڇوتي / پن سان ڍڪيو وڃي.
- سرءُ جي پوکيل فصل جي 15 ڏينهن جي وقفي سان آبپاشي ڪئي وڃي.
- نئين پوکيل فصل مان گندگاهه ختم ڪيا وڃن ته جيئن اُهي طاقتور جزن. سج جي روشني وغيره سان حصيدار نه ٿين.

نئين پوکيل فصل ۾ جيتن جي حملي کي نظر ۾ رکيو وڃي.

**ٻوٽن جي بيمارين تي ضابطو آڻڻ:**

**سرنهن:** سرنهن جي فصل کي چڱي ريت جانچي ڏسو جتي مهلي ۽ چت ڪمري ٻگ جو حملو نظر اچي اتي زرعي ماهر جي مشوري سان مهلي لاءِ پولو 500 سي سي ٻه ملي لتر پاڻي ۾ ۽ ٻگ لاءِ ڪلورپائري فاس لاءِ 5 ملي لتر هڪ لتر پاڻي ۾.

**سورج مُکي:** سورج مُکي ۽ ٻين تيلي ٻجن جي فصل کي روزانو جي بنياد تي جانچيو جيئن جيتن ۽ بيمارين جو وقت تي تدارڪ ڪري سگهجي.

**انب:** اڇي سينور جي تدارڪ لاءِ نيٽيوو 65 گرام 100 لتر پاڻي ۾ ملائي ڦوهارو ڪريو هڪ ڦوهارو گلن کان پهرين ۽ ٻيو ڦوهارو ميوو جهلڻ کان پوءِ.

**ٻير:** اڇي سينور لاءِ ڊيزول 125 ملي لتر 120 لتر پاڻي ۾ ملائي 15 ڏينهن جي وقفي سان ڦوهارو ڪرڻ گهرجي.

**هنداڻو:** اڇي سينور لاءِ ڊيزول 125 ملي لتر 120 لتر پاڻي ۾ 5 کان 7 ڏينهن جي وقفي سان ڦوهارو ڪريو.

**مٽر:** اڇي سينور لاءِ (Saaf) صاف 250 گرام 120 لتر پاڻي ۾ يا (Cabriotop) ڪيبريوٽاپ 400 گرام 100 لتر پاڻي ۾ 7 کان 10 ڏينهن جي وقفي سان ڦوهارو ڪيو وڃي.

**سرنهن:** اڇي سينور لاءِ (Saaf) صاف 250 گرام 120 لتر پاڻي ۾ يا (Cabriotop) ڪيبريوٽاپ 400 گرام 100 لتر پاڻي ۾ 7 کان 10 ڏينهن جي وقفي سان ڦوهارو ڪيو وڃي.

# ڪڻڪ جي فصل جي سارسنڀال

ابرار احمد مجيداڻو ڊائريڪٽر ويٽ ڪراپ (H.Q) زرعي توسيع حيدرآباد

ڪڻڪ ربيع جي موسم جو اهم اناج وارو فصل آهي. ڊسمبر جي آخر تائين ڪڻڪ جون آڳاٽيون توڙي پاڇاٽيون جنسون پوکجي چڪيون آهن. ان لاءِ هاڻي پوکيءَ کانپوءِ ڪڻڪ جي فصل جي سارسنڀال جو مرحلو شروع ٿئي ٿو. سارسنڀال واري مرحلي ۾ گندگاهن جو خاتمو، ڪيميائي ڀاڻ، پاڻي ۽ نهري پاڻي جي بندي کانپوءِ فصل کي ديڀاءُ کان بچائڻ تمام گهڻو اهم آهي، ته جيئن اسان ڪڻڪ جي فصل مان بهتر پيداوار حاصل ڪري سگهون.

**گندگاهه جو خاتمو:**

ڪڻڪ جي فصل ۾ گندگاهه اڻ ڪوٺيا مهمان آهن، جيڪي هوا، پاڻي، اُس، کاڌخوراڪ ۽ ٻين زرعي عملن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿين ٿا. مُکيه فصل سان چٽاڀيٽي ڪن ٿا. ڪڻڪ جي فصل ۾ مُکيه ٻن قسمن جا گندگاهه ٿين ٿا.

1. سوڙهن پنن وارا گندگاهه جهڙوڪ: بصري، ڏڀڪ/دُمبي گاهه، جهنگلي جَوَي وغيره شامل آهن.
2. ويڪرن پنن وارا گندگاهه جهڙوڪ: جهل، ڪُرنڊ، ناڙو جهنگلي پالڪ، ڪاسني، سنجهي، للر، ٻلي ٻوٽي وغيره اچي وڃن ٿا. انهن کان علاوه دائمي گندگاهه ڇٻر ۽ ڊڀ پڻ ٿين ٿا.

ڪڻڪ جي آڳاٽي پوکيل فصل ۾ موجود گندگاهن کي هر صورت ۾ ختم ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته 5 کان 8 هفتن دوران گندگاهه مُکيه فصل سان سخت چٽاڀيٽي ڪن ٿا ۽ ان کي نقصان پهچائين ٿا. ان لاءِ ويڪرن پنن وارن گندگاهن لاءِ بڪٽرل سپر 300 کان 400 ملي لٽر في ايڪڙ ۽ سوڙهڻ پنن وارن گندگاهن لاءِ ٽاپڪ 100 گرام في ايڪڙ يا ٻنهي قسمن جي سوڙهن ۽ ويڪرن گندگاهن لاءِ ايفينٽي 600 کان 800 گرام في ايڪڙ استعمال ڪرڻ گهرجي يا وري حد جي زرعي ماهر سان صلاح مشورو وٺي گندگاهن جو خاتمو ڪجي. اهڙي طرح پاڇاٽي فصل ۾ پڻ گندگاهن جو خاتمو آڻجي.

**ڪيميائي ڀاڻ:**

ڪڻڪ جي پاڇاٽي فصل ۾ رهجي ويل نائٽروفاس وارو ڀاڻ ڀرين پاڻي تي ڏئي مڪمل ڪجي. عام طور تي ڪڻڪ جي فصل ۾ يوريا ڀاڻ جي ٻئي يا ٽئي قسط ڏئي مٿان پاڻي ڏجي يا وري ڪئلشيم امونيم نائٽريٽ (ڪين) ڀاڻ جي قسط ڏجي.

**پاڻي جي بندي:**

پاڻي جي بندي دوران ڪڻڪ جي فصل کي ديڀاءُ کان بچائڻ لاءِ 2 کان 3 ڪلوگرام يوريا ڀاڻ 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي 2 کان 3 سيڪڙو ڳار تيار ڪرڻ گهرجي. جيڪو ڪڻڪ جي فصل تي ڦوهارو ڪرڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان فصل کي نائٽروجن ۽ پاڻي جو ڦوهارو لڳڻ سان فصل ديڀاءُ اچڻ کان بچي ويندو ۽ ان جي في ايڪڙ پيداوار ۾ اضافو ٿيندو.

**پاڻي ڏيڻ:**

ڪڻڪ جي فصل کي حساس مرحلن ۾ پاڻي ضرور ڏجي. آڳاٽي ڪڻڪ ڏيڏي ۽ سنگ نڪرڻ واري مرحلي تي هجي ته ان لاءِ پاڻي جو بندوبست ڪرڻ گهرجي. اهڙي طرح پاڇاٽي ڪڻڪ ٻوڙي ڀڏڻ واري مرحلي تي هجي ته ان لاءِ پڻ بندي کان اڳ پاڻي ڏيڻ گهرجي.

**جيت ۽ بيماريون:**

ڪڻڪ جي فصل تي موافق موسمي حالتن ۾ مهلو اچي مک، آمريڪن ڪينئون ۽ لشڪري ڪينئون ڪڏهن ڪڏهن حملو ڪن ٿا، جن تي فائديمند جيت ضابطو آڻين ٿا. ڪڻڪ ۾ زهريلن زرعي دوائن جي ڦوهاري کان پرهيز ڪجي. ديسي طريقا آزمائجن. وڏيڪ نقصان جي امڪان جي صورت ۾ حد جي زرعي ماهرن سان رابطو ڪجي. ۽ صلاح مشورا وٺجن. اهڙي طرح بيمارين ۾ رتي ۽ ڪاٽي جون بيماريون لڳن ٿيون. جنهن لاءِ نيون قوت مدافعت رکندڙ جنسون پوکي ڪرڻ گهرجن.

# انب جا مکيه نقصانڪار جيت ۽ انهن جو تدارڪ

تحرير سجاد حسين رند، سينئر سائنٽيسٽ زرعي تحقيق سنڌ، ٽنڊو ڄام

انب کي سڀني ميون ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. ان ڪري انب کي ميون جو بادشاهه سڏيو وڃي ٿو. انب جو ميوو پنهنجي ملڪ جي ضرورتن جو پورائو ڪري ٿو پر ان سان گڏ انب جي ميوي مان ٻاهرين ناڻو پڻ ڪمايو وڃي ٿو. ان سان گڏوگڏ ڪيترن ئي ماڻهن جي روزگار جو ذريعو پڻ آهي. دنيا ۾ انب پيدا ڪندڙ ملڪن جي ڀيٽ ۾ اسان جي ملڪ ۾ انبن جي پيداوار تمام گهٽ آهي. انبن جي گهٽ پيداوار لهڻ جا مختلف سبب آهن انهن سببن ۾ انب جا نقصانڪار جيت وڏي اهميت رکن ٿا. انهن نقصانڪار جيتن ۾ انب جا اهم هاڃيڪار جيت هيٺ ڏجن ٿا.

**انب جو مهلو:** انب جو مهلو انب جي وڻ جو هڪ اهم نقصان رسائڻ وارو جيت آهي. جيڪو تقريبن سڄو سال انب تي موجود هوندو آهي. هن جيت جو بالغ هلڪي پوري يا ميرانجهڙي رنگ جو ٿيندو آهي. هن جي جسم تي پر ٿيندا آهن. جنهن جي ڪري اڪثر انب جي وڻ جي ٿڙ، پنن ۽ گوڇن تي اڏامندي نظر ايندو آهي. هن جيت جي بالغ مادي تقريبن 150 کان 200 آنا گلن، گونچن ۽ نرم ٽارين تي لاهيندي آهي. اهي آنا شروع ۾ اڇي رنگ ۽ بيضوي شڪل جا هوندا آهن پوءِ اهي سائي رنگ ۾ تبديل ٿي ويندا آهن. انهن آنن مان تقريبن 7 کان 10 ڏينهن ۾ ٻچا ڦٽي نڪرندا آهن. انب جي مهلي جا ٻچا آنن مان نڪرڻ مهل هلڪي پيلي رنگ جا هوندا آهن. اهي ٻچا تقريبن 2 کان 4 هفتن ۾ بالغ ٿي ويندا آهن. انب جو مهلو پنهنجي زندگي جو ڦيرو تقريبن 30 کان 35 ڏينهن ۾ مڪمل ڪندو آهي.

**نقصان:** انب جي مهلي جي بالغ مادي سياري جي موسم گذارڻ کان پوءِ فيبروري مهيني ۾ انب جي گونچن، گلن ۽ نرم ٽارين تي آنا لاهڻ شروع ڪندي آهي. هن جيت جا ٻچا آنن مان نڪرڻ کان پوءِ انب جي وڻ جي گونچن، گلن ۽ پنن تي تان رس چوسي نقصان رسائڻ شروع ڪندا آهن. هن جيت جي شديد حملي جي ڪري انب جا پن ڪارا ٿي ويندا آهن. جنهن جي ڪري ٻوٽي ۾ روشنائي ترڪيب ذريعي کاڌو ٺاهڻ جو عمل متاثر ٿيندو آهي ۽ پيداوار گهٽ لهندي آهي.

**ميلي بگ:** ميلي بگ انب جي مکيه نقصان رسائڻ وارن جيتن ۾ شمار ٿئي ٿو. انب جي ميلي بگ جي بالغ مادي گلابي رنگ جي هوندي آهي. جنهن جو جسم اڇي رنگ جي پاؤڊر سان ڍڪيل هوندو آهي ۽ جسم تي پر ڪو نه هوندا آهن. هن جيت جي بالغ مادي تقريبن 200 کان 300 آنا لاهيندي آهي، اهي آنا بالغ مادي جي جسم جي پوئين حصي ۾ ڇهتيل هوندا آهن ۽ اهي آنا زمين ۾ لاهيندي آهي. پوءِ آنن مان ٻچا نڪرندا آهن اهي ٻچا گلابي رنگ جا ٿيندا آهن. آنن مان ڦٽي نڪرڻ کان پوءِ انب جي ٿڙ جي مدد سان انب تي مٿي چڙهڻ شروع ڪندا آهن. جڏهن انب جي وڻ جي ٽارين، گونچن ۽ گلن تي پهچي نقصان رسائڻ شروع ڪندا آهن. جتي پنهنجي زندگي جي ٻيو ۽ ٽيون مرحلو اتي گذاريندا آهن ۽ انب جي وڻ کي نقصان رسائيندا آهن.

**نقصان:** انب جي ميلي بگ جا ٻچا سيپٽمبر يا آڪٽوبر مهيني ۾ آنن مان نڪرڻ کان پوءِ زمين تان انب جي ٿڙ جي مدد سان انب جي وڻ تي چڙهڻ شروع ڪندا آهن. اهي ٻچا انب جي گلن، گونچن ۽ پنن تي چهٽي پوندا آهن ۽ انهن مان رس چوسي نقصان رسائڻ شروع ڪندا آهن. انب جي ميلي بگ جي شديد حملي جي صورت ۾ انب جي وڻ جا پن ڪارا ٿي ويندا آهن ۽ انب جا گل سڪي ڇڻي پوندا آهن.

**ميوي واري مک:** ميوي واري مک انب جو هڪ اهم ۽ تمام گهڻو نقصان رسائڻ وارو جيت آهي. هن جيت جو بالغ هلڪي پوري رنگ جو ٿيندو آهي ان جون ٽنگون پيلي رنگ جون ٿينديون آهن. انب جي ميوي واري مک جي بالغ مادي تقريبن 100 کان 150 آنا انب جي ميوي ۾ اندر داخل ڪندي آهي. جنهن مان تقريبن 2 کان 3 ڏينهن ۾ ٻچا انب جي ميوي ۾ اندر ڦٽي نڪرندا آهن. ميوي واري مک جا ٻچا ميوي کي نقصان رسائڻ کان پوءِ سوبٽ واري مرحلي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ زمين ۾ اندر هليا ويندا آهن. جتان تقريبن 10 کان 15 ڏينهن کان پوءِ بالغ ٿي ٻاهر نڪرندا آهن.

**نقصان:** ميوي واري مک جا ٻچا يا ڪينئان انب جي ميوي کي اندر ئي اندر رهي ڪري نقصان رسائيندا آهن جنهن جي ڪري انب جو ميوو خراب ٿي وڻ مان ڪري پوندو آهي ۽ کائڻ جي قابل نه رهندو آهي.

**انب جي پنن ۾ سرنگهه ٺاهيندڙ جيت:** هن جيت جو بالغ هلڪي پوري رنگ جو هوندو آهي. هن جيت جي بالغ مادي تقريبن 8 کان 10 آنا پنن ۾ داخل ڪندي آهي. انهن آنن مان تقريبن 3 کان 5 ڏينهن ۾ ٻچا ڦٽي نڪرندا آهن. اهي ٻچا آنن مان نڪرڻ کان پوءِ پنن ۾ سرنگهه ٺاهڻ شروع ڪندا آهن. هن جيت جو ٻچو تقريبن 10 کان 15 ڏينهن تائين پن ۾ اندر رهندو آهي. جنهن کان پوءِ سوبٽ ٿيڻ لاءِ زمين ۾ هليو ويندو آهي. هي جيت جو سوبٽ وارو مرحلو تقريبن 5 کان 8 ڏينهن جو هوندو آهي. جنهن کان پوءِ بالغ ٿي ٻاهر نڪرندو آهي.

**نقصان:** انب جي پنن ۾ سرنگهه ٺاهيندڙ جيت جو ڪينئون پنن ۾ سرنگهه ٺاهي پنن ۾ موجود سائي مادي کي کائي ختم ڪري ڇڏيندو آهي. ان جي ڪري انب جو پن سڪي ويندو آهي. جنهن جو اثر

انبن جي پيداوار تي ٿئي ٿو ۽ پيداوار گهٽ لهي ٿي.

**انب جو ٽڙڙو:** هن جيت جو حملو گذريل ڪجهه سالن کان انب جي باغن ۾ ڏٺو ويو آهي. جيڪو انب جي نون پنن مان رس چوسي انب کي نقصان رسائي ٿو. هن جيت جي بالغ مادي انب جي نون گؤنچن ۽ پنن تي آنا ڏينديآهي. اهي آنا اڇي رنگ جا هوندا آهن جنهن مان تقريبن 2 کان 3 ڏينهن ۾ ٻچا ڦٽي نڪرندا آهن. اهي ٻچا هلڪي پوري رنگ جا هوندا آهن جيڪي تقريبن 20 کان 25 ڏينهن ۾ بالغ ٿي ويندا آهن. هن جيت جي بالغ مادي جي جسم تي پر هوندا آهن. انب جو ٽڙڙو پنهنجي زندگي جو ڦيرو تقريبن 30 کان 35 ڏينهن ۾ پورو ڪندو آهي.

**نقصان:** هن جيت جا ٻچا توڙي بالغ انب جي پنن مان رس چوسي نقصان رسائيندا آهن. هن جيت جي شديد حملي جي صورت ۾ انب جا پن چاندي نما ٿي ۽ انهن جون ڪناريون مڙي پونديون آهن. جنهن جي ڪري انب جا پن سڪڻ شروع ڪندا آهن ۽ پوءِ آخر ۾ ڇڻي پوندا آهن.

**تدارڪ:**

- انب جي باغن جي صفائي جو خاص خيال رکيو وڃي.
- گندگاهه ۽ ٻيا ميزبان ٻوٽا ختم ڪيا وڃن.
- گهٽي پاٽي ۽ ٻاڙ جي استعمال کان پاسو ڪجي.
- انب جي چوڌاري گڏ يا اونها هر ڏجن جيئن انب جي ميلي بگ جا ٻچا متاچري تي ٻاهر نڪري مري وڃن.
- انب جي ميوي واري مک جي تدارڪ لاءِ خراب ميوا ميڙي ڪنهن اونهي کڏ ۾ دفن ڪري ڇڏجن.
- انب جي ميوي واري مک جي نقصان کان بچاءَ لاءِ جنسي ڦندن جو استعمال ڪجي.
- ميوي واري مک جي بچاءَ لاءِ اونها هر ڏجن تہ جيئن ميوي واري مک جا ٻچا زمين جي متاچري تي نڪرن ۽ پکين جو کاڄ بڻجن.

غير ضروري زرعي زهرن جي استعمال کان پاسو ڪجي، هميشہ زرعي زهرن جو استعمال زرعي ماهرن جي مشوري سان ڪجي يا هيٺ ڏنل زرعي زهرن جو استعمال ڪجي.

| جيت جو نالو | زرعي زهر جو نالو | مقدار في ايڪڙ |
|---|---|---|
| انب جو مهلو | ڊائينوٽيفيوران<br>ڊائيمٿوئٽ | 100 گرام في 100 لٽر پاڻي ۾<br>300 ملي لٽر في 100 لٽر پاڻي ۾ |
| انب جو ميلي بگ | ڪراٽي | 60 ملي لٽر في 100 لٽر پاڻي ۾ |
| انب جي ميوي جي مک | اسٽيٽڪ اسپائينوسڊ<br>ٽرائيڪلوروفام | 120 گرام في ايڪڙ<br>250 گرام في ايڪڙ |
| انب جي پنن ۾ سرنگهہ ٺاهيندڙ جيت | ٽال اسٽار | 250 ملي لٽر في 100 لٽر پاڻي ۾ |
| انب جو ٽڙڙو | ڪلوروفيناپائر | 40 ملي لٽر في 100 لٽر پاڻي ۾ |

# زراعت ۾ ٻج جي اهميت

ام فاطمہ مگريو، سنڌ زرعي يونورسٽي ڪئمپس عمرڪوٽ

زراعت جو دارومدار ٻِجُ جي پوک تي آهي.جيڪو فصل جي زندگيءَ جو پهريون مرحلو آهي. جيڪڏهن ٻج جمڻ ۾ ناڪام ٿي وڃن ٿا تہ فصل پڻ ناڪام ٿئي ٿو. ٻج کي بيمارين، آفتن ۽ ماحولياتي دٻاءُ سميت ڪيترن ئي چئلينجن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. جتي ٻج پنهنجن چئليجن تي پاڻ قابو پائي سگهن ٿا. اتي ڪاميابي جا امڪان ٻِجُ جي بهتري سان وڌائي سگهجن ٿا. ٻج جو علاج هڪ موثر طريقو آهي. جيڪو ٻج جي واڌ ويجهہ ۾ مدد ڏيڻ ۽ انهن کي مسئلن ۾ منهن ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. ٻج جو علاج يا ٻج کي زهر ڏيڻ ان عمل کي چوندا آهن جنهن ۾ حياتياتي، ڪيميائي ۽ ٽيڪنالاجي جو استعمال ڪري ٻج کي تحفظ ڏنو وڃي ٿو. ٻج جو علاج صحتمند فصلن جي واڌ ويجهہ کي بہ وڌائي ٿو. جيڪو ٻج جي قوت مدافعت کي وڌائي ٿو. جتي روايتي فصلن جي حفاظتي جي طريقن جو پنهنجو مقام آهي، اتي ٻج جو علاج هر ٻج جي مخصوص ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. ٻج جو علاج ٻج کي ماحولياتي دٻا کان بچائڻ ۾ وڌيڪ مضبوط بڻائي ٿو. ڪيميائي يا حياتياتي علاج ٻج جي ڦوٽهڙي کان اڳ ئي تحفظ فراهم ڪن ٿا. جيڪي ٻج کي مِٽي ۾ موجود جراثيمن. جيتن ان سان گڏوگڏ ڪيترن ئي بيمارين کان بچائي ٿو. ٻج کي نقصان ڏيندڙ جاندارن کي بچاءَ لاءِ بيڪٽريا مار فنگي مار جيت مار استعمال ڪجن ٿيون. اوهان زرعي ماهر پاران سفارش ڪيل دوائون استعمال ڪري سگهو ٿا. يا پنڪونا 10 کان 12 گرام في ڪلو گرام مڪئي ۽ وونڻ لاءِ استعمال ڪريو ٿائيرام ٽي گرام في ڪلو گرام ڪڻڪ، سارين، ڪاڄن، توريي جي ٻج لاءِ استعمال ڪريو. اهڙي طرح ميٽاليڪس 6 گرام في ڪلو ٻج سورج مکي ۽ ٻاجين جي فصل لاءِ استعمال ڪريو. ٻج جو علاج يا زهر ڏيڻ لاءِ عام طور ڏنل طريقي سان ڪيو وڃي ٿو. جنهن ۾ سڀ کان پهرين فصلن ۽ ماحول جي مطابق ڦنگي مار يا جيت مار انتخاب ڪريو.

ڏنل مقدار مطابق في ڪلو ٻج ۾ چڱي ريت ملايو تہ جيئن زرعي زهر سڀني نموني ملي وڃي. ان کان پوءِ علاج ٿيل ٻج کي ڇانو ۾ رکو ۽ ٻج تيار آهي. جنهن ۾ ڦوٽهڙي کان پوءِ پوٽي ۾ بيمارين تي آساني سان ضابطو آڻي سگهجي ٿو.

# پٽا، گڏيل فصل پوکڻ ۽ ماڊل فارم تيار ڪرڻ لاءِ صلاحون

ابرار احمد مجيداڻو، ڊائريڪٽر، ويٽ ڪراپ (H.Q) زرعي توسيع حيدرآباد

زراعت ۾ لاڳت وارين شين جا خرچ تمام گھڻا وڌي ويا آهن. خاص طور هَرَ، ڊيزل، ٻج، ڪيميائي ڀاڻ، ڪيٽ مزدوري، پاڻي، ڊل، زرعي زهريلين دوائن ۽ ٻين شين ۾ تمام گھڻي واڌ آئي آهي. جڏهن ته فصلن جي پيداوار ۾ خاطر اضافو نٿو ٿئي. نه ئي وري پيداواري شين جي اگهن ۾ اضافو ٿئي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ آبادگار ڀائرن جا خرچا تمام گھڻا وڌي ويا آهن. جنهن لاءِ خاص طور تي ننڍن توڙي وڏن آبادگارن کي گھرجي ته هڪ ته هو فصلن جي في ايڪڙ پيداوار وڌائڻ تي ڌيان ڏين، ٻيو ته پٽا گڏيل فصل پوکڻ واري طريقيڪار کي اپنائين ته جيئن هر فصل مان ڪجھ نه ڪجھ آمدني ملي ۽ زراعت ۾ آبادگار ڀائرن جو ٻيڙو روان دوان رهي سگھي.

پوکيءَ جي هر موسم ۾ ۽ پنهنجي علائقي جي حساب سان پٽا فصل پوکڻ جي نئين ترتيب جي شروعات ڪجي. ڪافي مثالي آبادگارانهيءَ زرعي عمل مان فائدو حاصل ڪري رهيا آهن. مثال طور جن آبادگارن کي بهار وارو ڪمند پوکڻو آهي ته اُهي ڪمند سان گڏ ڪرين تي مڱن وارو فصل به پوکين جيڪو ٻن اڍائي مهينن ۾ تيار ٿي ويندو. ڪمند سان گڏ بصر به پوکي ڪري سگھجي ٿو. اهڙي طرح وونڊڻ سان گڏ ترن جو فصل لڳائڻ گھرجي. ان سان گڏ ٻنن تي گينديءَ جا گل پوکي سگھجن ٿا. وونڊڻ سان گڏ سويابين، ٻوهي مڱ، جوئر، ٻاجهري پڻ پوکي سگھن ٿا. وونڊڻ جي ٻنن تي متري ۽ مانجهاندلي پوکي ڪجي. ڪڻڪ سان گڏ ڪمند ۽ سرنهن لڳائڻ گھرجي. ڪڻڪ سان السي، پواڙي، ڪينولا پوکي ڪجي. سارين ۾ لاباري کان اڳ جنتر جو ٻج ڇٽڻ گھرجي. سارين کان پوءِ ڇٽا، سورج مُکي، پواڙي، متر، برسيم وغيره پوکي سگھجن ٿا.

اهڙي طرح ڀاڄين ۾ هڪ قسم جي ڀاڄي پوکڻ جي بجاءِ به کان ٽي ڀاڄيون پوکڻ گھرجن. ربيع جي موسم ۾ ٽماٽي سان گڏ پالڪ، ڏاٽا، ميٿي لڳائڻ گھرجن. اهڙي طرح موري، گجر، گوگڙو سان گڏ ڪرئي جي ٻئي پاسي پالڪ، ميٿي ڏاٽا لڳائڻ گھرجن. جڏهن ته بصر ۽ ٿوم سان گڏ پالڪ، ميٿي، ڏاٽن جون چونگيون هڻي سگھجن ٿيون ۽ گل گوبي ۽ بند گوبي سان پڻ پالڪ، ميٿي، ڏاٽا لڳائي سگھجن ٿا.

اهڙي طرح خريف جي موسم ۾ ولين وارين ڀاڄين جهڙوڪ، ميها، ڪريلا، ڪدو توري، ونگا، چانهي ۽ گدري سان گڏ مرچن ۽ گوار جون چونگيون هڻي سگھجن ٿيون ۽ ولين وارين ڀاڄين جون الڳ الڳ پٽيون لڳائي سگھجن ٿيون.

انهيءَ ڪانسواءِ مُکيه فصلن جهڙوڪ ڪڻڪ سان گڏ ٻنن تي ميٿي، پالڪ، ڏاٽا، گجر، موري جون چونگيون هڻي موسم جي تازي ڀاڄي حاصل ڪري سگھجي ٿي. اهڙيءَ طرح وونڊڻ ۾ ميها، ڪدو ڪريلا لڳائي سگھجن ٿا. گاهه لاءِ جوئر ۽ مڪئي جون ٻنن سان چونگيون لڳائي سگھجن ٿيون.

باغن ۾ پٽا باغ يا هڪ باغ ۾ ٻين ميويدار وڻن کي پڻ لڳائي سگھون ٿا جهڙوڪ: انبن جي باغ جي ٻاڍر ۾ جمون، چڪو جا وڻ لڳائي سگھجن ٿا. اهڙي طرح انبن جي چوڪنڊي واري پوکي جي سسٽم ۾ وچ ۾ ليچي يا ڪنل جا وڻ لڳائي سگھجن ٿا. اهڙي طرح ڪٽن ميون جا مختلف قسم مختلف قطارن ۾ پوکي سگھجن ٿا ۽ ٻير ۽ ڦارون کي گڏ پوکي سگھجي ٿو.

انبن جي نئين باغ ۾ پپيتا پڻ لڳائي سگھجن ٿا. نون باغن جي شروعاتي سالن ۾ پٽا فصل پوکڻ گھرجن. ان لاءِ ربيع ۽ خريف ۾ فصلن جي چونڊ ڪري باغن جي وچ واري خالي زمين ۾ فصل پوکڻ گھرجن. ڪجي، ڪيلي، زيتون، ڪٽن ميون ۽ انب جي نئين پوکيل باغ ۾ ربيع جي موسم ۾ ڪڻڪ، برسيم، سرنهن، ٽماٽو پالڪ، پٽاٽي گجر، موري، گوگڙو ميٿي ۽ متر پوکي سگھجن ٿا. اهڙي طرح خريف جي موسم ۾ نون باغن ۾ وونڊڻ، مڪئي، مرچ، ميها، توري، ڪدو، ڪريلا وغيره پوکي سگھجن ٿا.

جڏهن باغ ميوو ڏيڻ شروع ڪن ۽ اُنهن مان سني آمدني ملڻ شروع ٿئي ته پوءِ باغن ۾ پٽا فصل پوکڻ بند ڪجن ۽ باغن جي سارسنڀال تي وڌيڪ ڌيان ڏجي ته جيئن باغ بهتر ميوو ڪٽي سگھن ۽ انهن مان سني پيداوار ملي سگھي.

## ماڊل فارم تيار ڪرڻ:

وڏن آبادگارن کي صلاح آهي ته اهي ماڊل فارم تيار ڪن. اُن لاءِ زمين کي اهڙي طرح بلاڪن ۾ ورهائين جنهن سان ساليانو ڇهه ماهي، ٽه ماهي، ماهوار، هفتيوار ۽ هر ڏينهن آمدني ملي سگھي. ان لاءِ سڀ کان پهرين ساليانو آمدني وارن باغن جا الڳ بلاڪ ناهجن.

## 1. باغن جا بلاڪ:

باغ هڪ ڊگهي مدي/عرصي وارو ميويدار وڻ آهي. جنهن لاءِ بهتر ستاءُ، سني زمين، پاڻي جي موجودگي، روڊ رستا، مناسب آبهوا، علائقو ۽ ڀرپور مارڪيٽ جي سهولت هئڻ گھرجي.

اُتر سنڌ جي ضلعن ۾ ڪجي، انب، ڪيلا، زيتون، اسٽرابيري وغيره پوکجن.

وچ سنڌ ڪتا ميوا جهڙوڪ: گريپ فروٽ، مالٽا، ليمان، انب، ڪجور، ڪيلا وغيره پوکجن. جڏهن ته ڏکڻ سنڌ ۾ انب، ڪيلا، چڪو، زيتون، ليمان، ٻير، ڦاروا، جمون، پپيتا، ليچي، توت، انگور ۽ ڪنل وغيره پوکجن.

جڏهن ته ساموندي آبهوا وارن ضلعن ڪراچي، ٺٽي ۽ بدين ۾ ناريل، پپيتا، ڪيلا، چڪو ٻير، پام آئل وغيره پوکڻ گھرجن. تازو

هاٽي گورک هل، ٽاٽوبولا خان، کيرٿر نيشنل رينج ۾ زيتون واري تيل جي باغن وٽن پوکڻ لاءِ سروي ڪئي وئي آهي. اميد آهي ته اڳتي هلي ان مان سنا نتيجا نڪرندا.

## 2.ڪمند جو بلاڪ:

ڪمند پڻ ساليانو ڏگهي مند وارو فصل آهي. هن فصل جو پڻ ساليانو مند واري الڳ بلاڪ ۾ پوکجي. جڏهن ته بهار وارو ڪمند پوکي فائدو حاصل ڪجي. پوکي کان پهرين چپ ۽ بڊ واري طريقي ذريعي نرسري ڪجي.

## 3. ربيع / خريف وارن فصلن لاءِ بلاڪ:

ربيع جي مند ۾ ڪٽڪ، سرنهن، توريو پواڙي ۽ گاهن ۾ برسيم ۽ لوسڻ پوکڻ گهرجن. جڏهن ته خريف جي مُند ۾ وونئڻ، ساريون، تر، ڪاچا، سويابين ۽ گاهن ۾ جنتر، جوئر، باجهر اناج ۽ گاهه لڳائجن. هي فصل چئن، پنجن مهينن کان آمدني ڏيڻ شروع ڪن ٿا.

## 4. آڏائون وارا (بهار ۽ سرءُ) فصل:

بهار جي مند ۾ سورج مکي، سويابين، مگ، گاهن ۾ مڪئي ۽ اهڙي طرح سرءُ جي مند ۾ سورج مکي، مڪئي وغيره لڳائجن. هي فصل ٻن کان چئن مهينن ۾ پيداوار ڏين ٿا.

## 5. ڀاڄين وارن فصلن جو بلاڪ:

سردي جي موسم ۾ ربيع جون ڀاڄيون ۽ گرمي جي مُند ۾ خريف جون ڀاڄيون لڳائجن. ربيع جي مند ۾ بصر، ٿوم، ٽماٽو گل گوبي، بند گوبي، پالڪ، گوگڙو موري ڏاٽا، ميٿي، گجر، ڪچالو مٽر، چٽا، مسور جڏهن ته مصالحن ۾ ڄاڻ، جيرو ڪلونجي، اسپنگر، سؤنف وغيره اچي وڃن ٿا.

اهڙي طرح خريف جي مُند ۾ مرچ، ڀينڊي، گوار ۽ ولين واريون ڀاڄيون جهڙوڪ: توري، ميها، ڪدو ڪريلا، گدرا، چانهي، ونگا ۽ پينو شامل آهن.

ڀاڄين مان ٻن کان چئن مهينن تائين پيداوار ملي ٿي. جڏهن ڀاڄيون تيار ٿي وڃن ٿيون هفتيوار ۽ ٻئين ٽئين ڏينهن واري آمدني جو سلسلو هلندو رهي ٿو.

ڀاڄين مان سٺي آمدني حاصل ڪرڻ لاءِ آڳاٽو ڀاڄاٽو يا بي موسمي ٽنل ذريعي فصل پوکي سگهجن ٿا. ٽنل فارمنگ ۾ شروع ۾ شيڊ نهرائڻ لاءِ گهٽو خرچ ڪرڻو پوي ٿو. اُن کان پوءِ سٺي آمدني هلي ٿي.

## 6. گُلن جا بلاڪ:

گلن ۾ گلاب، موتيو چنبيلي، ٽيوب روز، گينڊو ۽ ٻيا موسمي گل لڳائي سگهن ٿا. هڪ ته گل الڳ بلاڪن ۾ لڳائجن. ٻيو وري ٻنن، پٽڙين جي ڀرپاسي کان لڳائجن. گل تيار ٿيڻ کانپوءِ روزانو يا ٻئين ٽئين ڏينهن گل پٽي مارڪيٽ ۾ موڪلجن. اهڙي طرح گلن جي پوک مان آمدني شروع ٿي وڃي ٿي.

## 7. گاهه وارا فصل:

هر موسم ۾ گاهه وارا فصل لڳائجن. جنهن ۾ مڪئي، برسيم، جوئر، باجهر، مات گاهه وغيره لڳائڻ گهرجي. جيڪي مال چارو ۽ مددي آمدني ڏيڻ ٿا.

## 8. هُڙيون ۽ وڻڪار ڪرڻ:

پنهنجي فارم جو ماحول ۽ ايڪالاجي نظام بهتر بنائڻ لاءِ ٻير جون هُڙيون لڳائجن. شوق هجي ته نوان نوان وڻ ۽ فصل لڳائي تجربا ڪجن. اُن سان گڏ پنهنجي زمين جي بارڊر لائين تي وڻن جون قطارون جنهن ۾ ٻير، تالهي ۽ ٻين فائديمند ميويدار ۽ جلدي ڪاٺ ڏيڻ وارن وڻن کي لڳائڻ گهرجي. ۽ ان سان گڏ نوان ميويدار وڻ پڻ لڳائجن.

## 9. فارم آفيس:

فارم جي وچ ۾ هڪ پاسي فارم آفيس ۽ اوطاق، فارم مشينري ۽ مال جا واڙا ۽ سولر ٽيوب ويل ٺاهڻ گهرجن. ان سان گڏ ڪمدار/هارين جي آرام لاءِ الڳ جاءِ ٺاهجي. فارم آفيس ۾ زرعي گريجوئيٽس رکجي جيڪو ڪمپيوٽر توڙي رجسٽرن تي فارم جي ڊيٽا جا انگ اکر محفوظ ڪري رکي. فارم جي لاڳت ۽ اُپت جو حساب ڪتاب رکي ۽ گڏوگڏ فصلن جو معائنو ڀاڻ، پاڻي ۽ گندگاهن، جيتن ۽ بيمارين تي ضابطي لاءِ وقت سر قدم کڻي.

هو سمورو نظام آبادگار انٽرنيٽ تي پاڻ سان ڳنڍي سگهي ٿو. اهڙي طرح فارم ۾ پوکيل فصلن بابت گهر ويٺي سموري ڄاڻ حاصل ڪري سگهي ٿو.

### 50 ايڪڙ جو ماڊل فارم

| | |
|---|---|
| ڪيلا<br>(5 ايڪڙ)<br>پپيتا_ ڦاروا (وار ڦير ۾) | انبن جو باغ<br>(5 ايڪڙ)<br>_ مستقل _ |
| ڪمند<br>5 ايڪڙ<br>چٽا (وار ڦير ۾) | وونئڻ<br>ڪٽڪ<br>5 ايڪڙ |
| 1. سورج مُکي/سويابين 2. مُگ<br>3. جنتر<br>5 ايڪڙ | توت، ليچي، ڪٺل، ميويدار<br>وڻ/ناياب ٻوٽا<br>نوان فصل تجربا<br>هُڙي جي پوک |
| ربيع جون ڀاڄيون<br>بصر، ٽماٽو گجر، ٿوم | خريف جون ڀاڄيون<br>مرچ، ڀينڊي/ولين واريون<br>ڀاڄيون |
| خريف جون ڀاڄيون<br>ولين واريون ڀاڄيون | ربيع جون ڀاڄيون<br>پالڪ، گوبي، ميٿي |
| موسم جا گل<br>گلاب/موتيا ۽ ٽيوب روز | گاهه<br>مڪئي، جنتر ۽ برسيم |

**نوٽ:** هر علائقي ۽ ايراضي جي حساب سان اهڙا ماڊل فارم تيار ڪجن.

# بصرن جو زرعي ڪم ڪار

ڊاڪٽر مظهر الدين ڪيريو، ڊائريڪٽر جنرل، زراعت جو تحقيقاتي ادارو سنڌ
پروين اختر پرنسپل سائنٽسٽ / ڊائريڪٽر بصرن جو تحقيقاتي ادارو هوسڙي / حيدرآباد

1. هن وقت پاڇاٽي بصر جي پٽ هلي پئي، انهيءَ لاءِ ڪرين تي بينل فصل کي پيرن سان موڙيو وڃي. ائين ڪرڻ سان ٿڌي موسم ۾ بصر جي پتي جو ڦوٽهڙو ڪونہ ٿيندو. هفتي ڪان پوءِ بصر ڪي پٽي ڪرين تي 3 ڪان 4 ڏينهن ڇڏي ڏجي ۽ پوءِ بصر جي پتين کي پنن کان ڪنهن تکي اوزار سان جدا ڪجي، بصر کي گڏ ڪري ٻني اندر پوريون پريون وجن ۽ پوءِ انهي کي مارڪيٽ موڪليو وڃي.
2. جيڪڏهن ٻني اندر سائو بصر تيار هجي تہ انهي کي گهرج موجب مارڪيٽ ۾ موڪلبو رهجي.
3. اهي آبادگار جيڪي بصر جي ٻج تيار ڪرڻ لاءِ دلچسپي رکن ٿا اهي پهرين سٺين جنسن جي بصرن جي چونڊ ڪري سٺيون ڳنڍيون حاصل ڪن. پوءِ انهن مان صحتمند ڳنڍين (پتين) کي 15 ڊسمبر کان انهن جا چوپ لڳائي سگهن ٿا. پر پهرين لتياسي زرخيز زمين جي چونڊ ڪئي وڃي. انهيءَ جي سٺي نموني سان تياري ڪري پهرين پنج ڦاري هلائي، پوءِ گوبل سان ٻيهر زمين کي پريرو ڪر ي ۾ فوٽ جا ويڪرا ڪيريا تيار ڪجن ۽ پوءِ پاڻي ڏجي. بصرن جي ڳنڍيين جو مٿان کان ٽيون حصو ڪپي هڪ کان ڏيڍ فوٽ جي فاصلي تي پاڻي جي سيڪ واري جاءِ تي چوپ لڳايا وڃن.

جيتن کان بچاءَ لاءِ چوپن مٿان چار( ڦلهيار)جي ڇنڊ ڪجي.

**ڀاڻ:**

NPK جون ۾ پوريون زمين جي تياري مهل ڏجن، ڪئلشيم 40 کان 60 ڪلوگرام في ايڪڙ پاڻي ۾ ڏيڻ گهرجي، يا ڦوهارو ڪيو وڃي ۽ زنڪ، يوريا، ڪاپر ۽ آئرن جو استعمال زمين جي چڪاس کان پوءِ مليل سفارش موجب استعمال ڪجي.



# صحت ۽ زراعت

فهيم قريشي، ڊپٽي ڊائريڪٽر
مائينر ڪراپس، ڊائريڪٽوريٽ جنرل
زرعي توسيع حيدرآباد

دوستو اسان روزانو جيڪي ڪجھ کائون ٿا چا اهي صرف ذائقي خاطر کائون ٿا يا وري پيٽ ڀرڻ لاءِ کائون ٿا. اوهان پنهنجي آس پاس ڏسندا هوندا يا تہ ميڊيڪل اسٽور آهن يا وري هوٽلون، پڪوڙن جا دڪان، مٺائين جا دڪان ۽ بيڪريون ڏينهون ڏينهن وڌيڪ کلندا پيا وڃن. ان مان مراد آهي تہ اسان پاھر جون شيون وڌيڪ واپرائڻ لڳا آهيون ان سان هڪ تہ صحت خراب پئي ٿئي بيو وري پئسن جو ذيان. ضرورت انهيءَ ڳالھ جي آهي تہ جيڪي کائون ان وقت ان ۾ موجود خوراڪي افاديت بابت سوچيون ۽ متوازن غذا کائون. رب پاڪ هر موسم جي مطابق ڀاڄيون ۽ ميوا خلقيا آهن جيڪڏهن انهن جو متوازن استعمال ڪنداسين تہ ڪافي بيمارين کان محفوظ رهنداسين. اڄ هتي پاڻ مختلف ڀاڄين جي واپرائڻ جي فائدن تي غور ڪنداسين.

**1. گوگڙو:**

هي سياري جي مُند جي اهم ڀاڄي آهي. هن جي واپرائڻ سان هاضمي جو نظام بهتر ٿئي ٿو چاتي تي جميل بلغم دور ٿئي ٿو ۽ جسم کي معدنيات ملي ٿي جنهن سان جسم جي ڪمزوري دور ٿئي ٿي. هن ۾ معدنيات، ڪيلشيم، آئرن ۽ ٽاندورا ڪافي مقدار ۾ ٿين ٿا.

**2. ميٿي:**

ميٿي لاءِ ارشاد آهي تہ جيڪڏهن اوهان کي هن جي فائدن بابت معلوم ٿئي تہ اوهان هن کي سون جي اگھ تي خريد ڪريو. هينئر ميٿي جي مُند آهي هن کي سڪل، سائي ۽ ٻج واري حالت ۾ پڻ استعمال ڪري سگھجي ٿو. هن کي واپرائڻ سان جگر صاف ٿئي ٿو ۽ جسم کي گرمائش ملي ٿي. ميٿي جي ٻج جو هڪ چمچو پاڻي ۾ اوٻاري چانھ وانگر پيئڻ سان چاتي تان بلغم لهي ٿو ۽ دم جي مريضن ۾ تمام گھڻو فائدو ڏنو ويو آهي. رات جو هڪ گلاس ۾ هڪ چمچو ميٿي جي ٻج کي پسائي صبح جو پيئڻ سان شگر وارن مريضن کي تمام گھڻو فائدو ٿئي ٿو.

هڏن ۽ سنڌن جي سور ۾ ميٿي داڻن کي پسائي پيئڻ سان ڪافي فائدو ٿئي ٿو. ميٿي ۾ موجود ٽاندورا آنڊن جي خشڪي کي دور ڪن ٿا ۽ هاضمي جي نظام کي بهتر ڪن ٿا. ميٿي جو ٻج دل جي صحت کي بهتر ڪري ٿو ۽ پيٽ تي موجود چربي کي ختم ڪري ٿو.

**3. گجر:**

هي ڀاڄي وٽامن سان مالا مال آهي هن کي واپرائڻ سان نظر بهتر ٿئي ٿي، جگر کي طاقت ملي ٿي. جسم جي اندر رت جي کوٽ پوري ٿئي ٿي. گجر کي باقائدي استعمال ڪرڻ سان دل جي صحت بهتر ٿئي ٿي ۽ دل جي دوري کان محفوظ رکي ٿي.

**4. پالڪ جا فائدا:**

اکين کي طاقت ملي ٿي، هن ۾ موجود ڪيلشم ۽ فولاد جسم جي توانائي کي بحال ڪري ٿو. قبض، پراڻي کنگھ ۽ زڪام ۾ فائدو ڏئي ٿي. پالڪ جا پن اٻاري لوڻ ملائي گراڙا ڪرڻ سان گلي جي سوڄ ختم ٿئي ٿي پر جن دوستن کي پٿري جي شڪايت آهي اهي گهٽ واپرائن. پالڪ کي واپرائڻ سان رت جي دوري ۾ فائدو ٿئي ٿو. قوت مدافعت بهتر ٿئي ٿي. چهري ۾ چمڪ پيدا ٿئي ٿي.

**5. چقندر:**

چقندر بهترين ڀاڄي آهي جيڪا جسم جي ڪمزوري کي دور ڪري ٿي ، رت نهڙ ۾ مدد ڪري ٿو جسم مان بيڪار مادن کي خارج ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي. نون گھرڙن نهڻ ۾ مدد ڪري ٿي. دماغي صحت بهتر ٿئي ٿي ۽ جگر تان چربي کي دور ڪري ٿي.

**6. موري:**

موري جا بيشمار فائدا آهن پر موري کي اسان ماڻهن واپرائڻ ڇڏي ڏنو آهي. موري نظام هضم کي صاف ڪري ٿي. خاص ڪري گردن ۽ پيشاب جي نظام کي بهتر ڪري ٿي. پٿري کي ٽوڙي ڳاري ٿي. جيري کي فعال ڪري ٿي. وزن کي گهٽ ڪري ٿي. چمڙي کي چمڪدار بڻائي ٿي، پاڻي جي ڪمي کي دور ڪري ٿي ۽ ڪينسر جهڙي مرض کان بچائي ٿي.

# زرعي توسيع ۾ زراعت کاتو حڪومتِ سنڌ جون سرگرميون

جناب منير احمد جماڻي، ڊائريڪٽر جنرل زرعي توسيع سنڌ جي صدارت ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر زرعي توسيع ٽنڊو محمد خان آفيس ۾ سارين جي فصل تي تفصيلي سکيا جي تربيت ۽ ٽريننگ ورتل ايگريڪلچر آفيسرن ۽ فيلڊ اسسٽنٽن کي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا.






ڊائريڪٽر جنرل زرعي توسيع سنڌ جناب منير احمد جماڻي ، سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊي ڄام جي ميزباني هيٺ ٿيندڙ ٻن ڏينهن واري عالمي ڪانفرنس جي افتتاحي تقريب ۾ شرڪت ڪندي ٻي طرف ڪانفرنس دوران ڊائريڪٽوريٽ زرعي اطلاعات سنڌ پاران نمائش ۾ لڳايل اسٽال جون جهلڪيون.













# زرعي توسيع ۽ زراعت کاتو حڪومتِ سنڌ جون سرگرميون

پروجيڪٽ ڊائريڪٽر سنڌ واٽر اينڊ ايگريڪلچر **ٽرانسفارميشن** پروجيڪٽ ڊاڪٽر لياقت علي ڀٽو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد اسٽيشن تان نشر ٿيندڙ پروگرام ڌرتي سارو ڌن ۾ شريڪ ٿي سنڌ حڪومت پاران سنڌ جي آبادگارن کي بينظير هاري ڪارڊ حاصل ڪرڻ جي باري ۾ اهم ڄاڻ ڏيندي.





زرعي تربيتي اداري جيڪب آباد پاران ٻه سالا ڊپلوما پاس ڪندڙ پوزيشن ماڻيندڙ فيلڊ اسسٽنٽس ۽ اسٽاڪ اسٽنٽس ۾ سرٽيفڪيٽ ۽ ٽرافيون ورهائڻ واري تقريب.







# زرعي توسيع، زراعت کاتو حکومتِ سنڌ جون سرگرميون

ايڊيشنل ڊائريڪٽر زرعي توسيع شڪارپور خدا بخش ڪلوڙ، اڳوڻي سيڪريٽري زراعت آغا جان اختر سان سارين بابت ٽيل نقصان بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪندي.



ڊپٽي ڊائريڪٽر تعلقہ دادو ۽ خيرپور ناٿن شاھ محمد امين پنهور ۽ ضياءُ الحسنين جوٽيجو پنهنجي پنهنجي فيلڊ ۾ آبادگارن جي ڪڻڪ جي فصل جو معائنو ڪندي جڏهن تہ ٻئي پاسي فيلڊ اسسٽنٽ آبادگار کي سنڌ زراعت رسالو پيش ڪندي .





آءِ سي ٽي زرعي توسيعي خدمتن جي مرڪز ڊائريڪٽوريٽ جنرل زرعي توسيع سنڌ حيدرآباد ۾ سنڌ حڪومت پاران سنڌ جي آبادگارن کي بينظير هاري ڪارڊ جاري ڪرڻ بابت ٽيندڙ آن لائن رجسٽريشن جي پروفارما ۽ فيلڊ اسسٽنٽ پاران فارم ڀرڻ جي طريقيڪار جي جانچ پڙتال ڪندي.





# زرعي توسيع ۽ زراعت کاتو حڪومتِ سنڌ جون سرگرميون

ڊائريڪٽوريٽ زرعي اطلاعات ۾ نائب قاصد/ هيلپر طور ۽ ماهوار سنڌ زراعت رسالي کي پريس کان وٺي پڙهندڙن تائين پهچائڻ واري سموري مرحلي ۾ 34 سالن کان ڪم ڪندڙ **پنهون** پنهنجي عمر جا 60 سال پورا ڪري سرڪاري نوڪري تان هلندڙ مهيني رٽائر ٿيو. ان موقعي تي ماهوار سنڌ زراعت رسالي سٽ پاران سندس مان ۾ ڏنل الوداعي پارٽي جون جهلڪيون.







آءِ سي ٽي زرعي توسيعي خدمتن جي مرڪز ڊائريڪٽوريٽ جنرل زرعي توسيع سنڌ حيدرآباد پاران عورت آبادگارن جي حوصلا افزائي ۽ سندن کي پيش ايندڙ مسئلن بابت زرعي پروگرام هارياڻي جي ريڪارڊنگ جا منظر. هي پروگرام آءِ سي ٽي زرعي توسيعي خدمتن جي مرڪز ڊائريڪٽوريٽ جنرل زرعي توسيع سنڌ حيدرآباد جي فيس بڪ پيج ۽ يو ٽيوب چينل تان نشر ڪيو ويندو آهي.





Chilli crop calendar

# مرچن جي فصل جو ماهوار زرعي ڪم ڪار

مرچ جي پوک گرم ۽ گهميل آبهوا وارن علائقن ۾ ٿيندي آهي. تنهن ڪري ان کي خريف جي فصلن ۾ ليکيو ويندو آهي. سنڌ ۾ مرچن جي پوکي لاءِ آبهوا مُوافق آهي ڏاکڻي سنڌ ۾ گهڻي ايراضي تي پوکي ٿئي ٿي. خاص ڪري عمر ڪوٽ، ميرپورخاص، سانگهڙ، بدين، ڪراچي، ٺٽي ضلعن ۾ گهڻي ايراضي تي پوکي ٿئي ٿي. پر مرچ سڄي سنڌ ۾ پوکي سگهجن ٿا. مرچن جي سارسنڀال لاءِ آباد ڳار پائرن کي ماهوار چارٽ ڏجي ٿي، جيئن هو سندي فصل جي سارسنڀال چڱي نموني ڪري سگهن.

**جنوري:**

- پوکيل هائبرڊ مرچن کي پوٽاش وارو ياڻ ڏجي، جيئن اُن ۾ تڏ کي برداشت ڪرڻ جي سگهه پيدا ٿئي.
- نقصانڪار جيتن ۽ بيمارين جي حملي تي نظر رکجي، جيتن جو تعداد وڌڻ يا بيماري جا اُهڃاڻ نظر اچڻ جي صورت ۾ زرعي ڪارڪن جي مشوري سان اسپري ڪجي.
- جنوري جي مهيني ۾ بيٺل فصل کي پائوڊري ملڊيو جي حملي جو خطرو رهي ٿو. پنن جي پويان اچا داڳ يا پائوڊر نظر اچي ته فنجي سائيڊ جو اسپري ڪجي. اسڪور 125 سي.سي يا ٿايوفينيٽ ميٿائل 200 گرام 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي اسپري ڪرڻ ڪارگر رهندو.
- چونڊ جاري رکجي. گند گاهه هجي ته اُن کي وقت سِر ختم ڪجي.

**فيبروري:**

**هائبرڊ:**

1. هائبرڊ مرچن جي سارسنڀال جاري رکجي. جنهن ۾ چونڊ جاري رکڻ، جيتن ۽ بيمارين ضابطو آڻڻ شامل آهي.
2. ڪتي جي فصل لاءِ نرسري تيار ڪجي. 100 کان 120 گرام ٻج لڳائجي.
3. ٻيجارو تيار ڪرڻ لاءِ اڍائي کان ٽي فوٽ ويڪرين ۽ ڏهه فوٽ ڊگهيون لتاسي مٽي جون هڪ فوٽ جي اوچائي واريون اُڀيون پٽڙيون تيار ڪري اُنهن تي پوکائي ڪجي.
4. واندي پيل زمين کي هر ڏيئي هوا ۽ اُس لڳڻ لاءِ ڇڏي ڏجي.

**لونگي:**

1. لونگي مرچن جو ٻيجارو تيار ڪجي. اُن لاءِ اڍائي کان ٽي فوٽ ويڪرين ۽ ڏهه فوٽ ڊگها لتياسي مٽي جا هڪ فوٽ جي اونچائي واريون اُڀيون پٽڙيون تيار ڪري اُنهن تي پوکائي ڪجي.
2. ٿايوفينيٽ ميٿائل 3 کان 5 گرام ٻج کي هٽي پوکجي.
3. پاڻي ڦوهاري سان شام جي وقت ڏجي. هيڪاندي پاڻي ڏيڻ کان پاسو ڪجي.

**مارچ:**

**لونگي:**

1. ٻيجاري جي سار سنڀال جاري رکجي. هن مهيني پاڙسڙڻ، آمريڪن ڪينئين يا ڊائوني ملڊيو ۽ پائوڊري ملڊيو جو حملو متوقع هوندو آهي. ڪنهن به شڪايت جي صورت ۾ زرعي ڪارڪن جي مشوري گهربل فنجي سائيڊ يا زهر جو اسپري ڪجي.

**هائبرڊ:**

2. نئون فصل پوکڻ جي لاءِ زمين تيار ڪجي. گهرو هر ڏجي، اُن ڪانپوءِ ٻه گوبل هلائي زمين جي سنوت ڪجي. ڪلٽيويٽر هلائي ۽ ڪيريا ڪيجن. ڪيرين جي اوچائي ٻه فوٽ رکجي ۽ ڪيرين جي وچ ۾ مُفاصلو اڍائي فوٽ رکجي.

**مارچ:**

1. ٻيجاري جي سار سنڀال جاري رکجي. ڪنهن به جيت يا بيماري جي حملي جي صورت ۾ ويجهي زرعي ڪارڪن سان مشورو ڪري اُن کي ڪنٽرول ڪجي.
2. بيٺل هائبرڊ مرچن جي سارسنڀال جاري رکجي. پاڻي ، ياڻ ، چونڊ ۽ ضرورت پوڻ تي گهربل فنجي سائيڊ يا زهر جو اسپري ڪجي

**اپريل:**

**لونگي:**

1. مارچ جي آخري هفتي يا اپريل جي شروعات ۾ فصل جي پوکائي ڪجي. پوکائي ,مهل موسم کي ضرور نظر ۾ رکڻ گهرجي. اگر اُتر جي هوا لڳندڙ هجي ته وِهر کان پاسو ڪجي. پوکائي وقت تر ۾ ڏيڍ بوري ڊي.اي.پي يا ٽي کان چار بوريون سنگل سُپرفاسفيٽ يا ٻه بوريون نائٽروفاس ۽ اڌ بوري يوريا ڏجي.
2. پوکائي وقت ٻوٽي کان ٻوٽي جو مُفاصلو هڪ کان ڏيڍ فوٽ رکجي. ٻوٽو ڪيرئي ۾ پاڻي جي سيلاب تي پوکجي.
3. پوکائي جي چوٿين ڪلاڪن اندر گاهه مار دوا (ڊوال گولڊ 800 کان 1000 سي.سي يا ٽاپميڪس 900 سي.سي) في ايڪڙ اسپري ڪجي (گاهه مار دوا جي لاءِ مخصوص نوزل ئي استعمال ڪجن).
4. پوکائي جي 21 ڏينهن ڪانپوءِ زنڪ نائٽروجن واري ياڻ سان ملائي ڏيڻ گهرجي.

**هائبرڊ:**

1. آڳاٽي هائبرڊ فصل جي پاڻي، ياڻ ,جيتن ۽ بيماري جي حملي جو خيال رکجي ۽ چونڊو جاري رکڻ گهرجي.

**مئي:**

**لونگي:**

1. فصل کي پاڻي هر 15 ڏينهن تي ڏيڻ گهرجي.
2. گندگاهه جي صورت ۾ اُن کي جلد ختم ڪجي.
3. هڪ بوري يوريا يا امونيم نائٽريٽ يا امونيم سلفيٽ ڏجي.
4. ڊائوني ملڊيو جو حملو متوقع هوندو آهي. اُن جي روڪ ٿام جي لاءِ ڊاءِ فيناڪونزل 125 سي.سي، يا اليومينيم فوسٽائل 250 گرام يا ميٽالڪسل پلس مينڪوزب 250 گرام 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي اسپري ڪجي. نوٽ ڪرڻ جي ڳالهه اِها آهي ته ڊائوني ملڊيو کي

ختم ڪرڻ لاءِ پھرين اسپري ڪان نيڪ هڪ هفتو پوءِ ٻيو اسپري ڪجي. (ساڳي فنجي سائيڊ جو اسپري نہ ڪجي)

5. آڳاٽي ٻيئل هائبرڊ مرچن جي چونڊ جاري رکڻ گھرجي. اُن سان گڏ گند گاھ کي ختم ڪرڻ ۽ گھربل ڪاڏ خوراڪ جو خيال رکڻ گھرجي.

**جون:**

**لونگي:**

1. فصل کي هر پندرهين ڏينهن پاڻي ڏجي.
2. گڏ ڪيڍي ۽ پاسو چاڙهڻ گھرجي.
3. فصل کي گھرج مطابق نائٽروجن وارو ڀاڻ يوريا يا امونيم نائٽريٽ يا امونيم سلفيٽ ڏجي.
4. فصل جي واڌ ويجهہ دوران مائڪرو نيوٽيرينٽس جو اسپري ڪرڻ سان سُنا نتيجا ملن ٿا.
5. جيتن ۽ بيمارين جي حملي کي نظر ۾ رکڻ گھرجي. نقصان جي صورت ۾ زرعي ڪارڪن جي مشوري سان وقت سِر اسپري ڪجي.
6. آڳاٽي ٻيئل هائبرڊ مرچن جي چونڊ جاري رکڻ گھرجي. اُن سان گڏ گندگاھ کي ختم ڪرڻ ۽ گھربل ڪاڏ خوراڪ جو خيال رکڻ گھرجي.
7. اڻ وڻندڙ موسم يا پاڻي جي کوٽ جي ڪري فصل مُتاثر ٿئي تو اُن صورت ۾ ميڪرو ۽ مائڪرونيوٽرينٽس جو اسپري مددگار ٿئي ٿو.

**جولاءِ:**

**لونگي ۽ هائبرڊ:**

1. موسم گرم هُجي تي اُن ڪري هر پندرهين ڏينهن پاڻي ڏيندو رهجي. گُڏ جاري رکجي.
2. اِن وقت ٿرڙي، مکڙي واري ڪينئين (Bud mite)، آمريڪن بول ورم، اِڏوهي يا ڊائوني ملڊيو ٽپ ڊاءِ بيڪ، ڪالر راٽ، فروٽ راٽ، ڊاءِبيڪ جو حملو ٿي سگھي ٿو. مائيٽس ۽ سست محلي (ايفڊ) جو حملو ٿئي تہ ڊاءِفينٿيوران 200 سي.سي اسپري ڪجي. جيڪڏهن ٿرپس ۽ مائيٽس جو گڏيل حملو هجي تہ ڪلوروفيناپائر 100 کان 150سي.سي يا پروايڪسيز 100 کان 120 سي.سي في ايڪڙ اسپري ڪجي. آمريڪن سنڊي جي حملي جي صورت ۾ ايما ميڪٽن 200 سي.سي يا اسٽيورڊ 175 سي.سي يا ريڊينٽ 80 سي.سي في ايڪڙ اسپري ڪجي. فنجي سائيڊ طور اسڪور 125 سي سي يا ٿايوفينيٽ ميٿائل 200 گرام يا نيٽيوو يا اِنٽراڪال هڪ ڪلو يا ڪاپر آڪسي ڪلورائيڊ 500 گرام يا اليومينم فوسٽائل 250 گرام يا ميٽالڪسل پلس مينڪوزب 250، 100لٽر پاڻي ۾ ملائي في ايڪڙ جي حساب سان اسپري ڪجي.
3. چونڊ شروع ڪجي ۽ بارش جي صورت ۾ بارش جي پاڻي جي نيڪال جو بندوبست ڪجي.
4. گڏ، پاڻي ۽ ڀاڻ جو خيال رکجي.
5. اڻ وڻندڙ موسم يا پاڻي جي کوٽ جي ڪري فصل مُتاثر ٿئي تو اُن صورت ۾ ميڪرو ۽ مائڪرونيوٽرينٽس جو اسپري مددگار ٿئي ٿو.

**آگسٽ:**

1. بارش نہ ٿيڻ جي صورت ۾ پندرهين ڏينهن پاڻي ڏجي.
2. اِن وقت ٿرڙي، بدمائيٽس، آمريڪن بول ورم، اِڏوهي يا ڊائوني ملڊيو ٽپ ڊاءِ بيڪ، ڪالر راٽ، فروٽ راٽ، ڊاءِبيڪ جو حملو ٿي سگھي ٿو متي تجويز ڪيل دوائن مان سليڪٽ ڪري اسپري ڪجي.
3. بارش جي پاڻي جي مُناسب نيڪال جو انتظام ڪجي.
4. چونڊ جاري رکجي.

**سيپٽمبر:**

1. مختلف جيتن يا بيمارين جي حملي جي صورت ۾ متي تجويز ڪيل دوائن مان دوا استعمال ڪجي.
2. مرچ سُڪائڻ لاءِ ڪرو تيار ڪجي. مرچن کي سائي جيو ٽيڪسٽائيل شيٽ تي ڪوشش ڪري زمين کان هڪ فوٽ متي سُڪائجي. رات جو ماڪ پوڻ جي صورت ۾ اڇي پني سان مرچن کي رات جو ڍڪي ڇڏجي ۽ صبح جو اڇي پني هٽائي ڇڏجي. ايئن ڪرڻ سان مرچ ماڪ کان محفوظ رهندا ۽ جلد سڪندا.
3. مرچ سڪائڻ وقت گھم تي نظر رکڻ گھرجي.
4. چونڊ جاري رکڻ گھرجي.
5. مرچن جي مارڪيٽ تي نظر ۾ رکجي، جيئن بهتر اگھ حاصل ڪري سگھجي

**آڪٽوبر:**

**لونگي ۽ هائبرڊ:**

1. پائوڊري ملڊيو بيماري جو حملو ٿي سگھي ٿو. ڊاءِفيناڪونوزل 125 سي.سي يا يا ٿايوفينيٽ ميٿائل 200 گرام يا بلوم 50 سي.سي 100لٽر پاڻي ۾ ملائي في ايڪڙ جي حساب سان اسپري ڪجي.
2. مرچ جي ڊاڏي تي آمريڪن ڪينئن جو حملو ٿي سگھي ٿو. ايماميڪٽن 200 سي.سي في ايڪڙ اسپري ڪجي.
3. چونڊ جاري رکجي، پاڻي ۽ ڀاڻ ضرورت مطابق ڏجي.
4. مرچن جي سُڪائڻ ، ڇانٽي ڪرڻ جو عمل جاري رکجي ۽ مارڪيٽ تي نظر رکجي.

**نومبر:**

1. پائوڊري ملڊيو بيماري ۽ آمريڪن ڪينئين جي حملي جي صورت ۾ متي تجويز ڪيل دوائن جو اسپري ڪجي.
2. چونڊ جاري رکجي، پاڻي ۽ ضرورت مطابق ڀاڻ ڏجي.
3. مرچن جي سُڪائڻ، ڇانٽي ڪرڻ ۽ مارڪيٽ تي نظر رکجي.

**ڊسمبر:**

1. پائوڊري ملڊيو بيماري جو حملو ٿي سگھي ٿو. ڊافيناڪونوزل يا اسڪور يا ٿايوفينٽ ميٿائيل جو اسپري ڪجي.
2. چونڊ جاري رکجي، ضرورت مطابق پاڻي ۽ ڀاڻ ڏجي.

مرچن جي سُڪائڻ، ڇانٽي ڪرڻ ۽ مارڪيٽ تي نظر رکجي.

# فصلن جي پيداوار ۾ پوٽاشيم

زوهيب الرحمان پگهيو، ايگريڪلچر آفيسر سلطان آباد ٽنڊوالهيار ۽ ڊاڪٽر سليم مسيح ڀٽي ايسوسيئيٽ پروفيسر، سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام

پوٽاشيم (K) نائٽروجن ۽ فاسفورس کان پوءِ ٻوٽن لاءِ ٽيون سڀ کان اهم خوراڪي جزا آهي، جنهن جي ضرورت ٻوٽن جي مڪمل واڌ ويجهہ، مضبوط جڙن ۽ صحتمند فصلن جي پيداوار لاءِ هوندي آهي. پوٽاشيم ٻوٽن جي اندر مختلف حياتياتي عملن ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو، جن ۾ فوٽوسنٽيسز، پاڻيءَ جي منتقلي، شگر جي ٽرانسپورٽ، ۽ انزائيمز جي سرگرمي شامل آهن. اهو ٻوٽن جي تنفس، پروٽين جي جوڙجڪ ۽ خشڪيءَ جي مزاحمت ۾ بہ اضافو ڪري ٿو. ان جي کوٽ سبب ٻوٽن ۾ بيمارين جي مزاحمت گهٽجي ويجي ٿي ۽ ٻوٽا خشڪي ۽ ٿڌ جي اثرن کان وڌيڪ متاثر ٿين ٿا.

سڄي دنيا ۾ زراعت جي شعبي ۾ پوٽاشيم کي متوازن ڀاڻن ۾ اهميت ڏني ويجي ٿي، ڇو تہ اهو فصلن جي پيداوار ۽ معيار کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. پر پاڪستان ۾ صورتحال ڪجهہ مختلف آهي. پاڪستان ۾ ڪيترائي هاري اڃا تائين پوٽاشيم ڀاڻن جي استعمال کان پرهيز ڪن ٿا، جنهن جا ڪيترا ئي سبب آهن.هڪ اهم سبب ڄاڻ ۽ آگاهي جي کوٽ آهي. پاڪستان جي گهڻن هارين کي پوٽاشيم جي فائدن ۽ ان جي استعمال بابت صحيح ڄاڻ ناهي. ٻيو وڏو سبب مالي مسئلا آهن؛ نائٽروجن ۽ فاسفورس ڀاڻن جي مقابلي ۾ پوٽاشيم جا ڀاڻ وڌيڪ مهانگا آهن ۽ هاري محدود وسيلا هجڻ ڪري سستي ڀاڻن کي ترجيح ڏين ٿا. ان کان علاوه، پاڪستان ۾ پوٽاشيم جي قدرتي ذخيرن جي کوٽ ۽ پوٽاشيم ڀاڻن جي درآمد تي انحصار بہ هڪ وڏو مسئلو آهي. هارين کي پوٽاشيم ڀاڻ ڳولڻ ۽ خريد ڪرڻ ۾ ڏکيائيون پيش اچن ٿيون. ان ڪري، اهي نائٽروجن ۽ فاسفورس ڀاڻن جي وڌيل استعمال تي ڀاڙين ٿا، جيڪو غير متوازن غذائيت جو سبب بڻجي ٿو. نتيجي ۾، پوٽاشيم جي کوٽ سبب فصلن جي پيداوار ۾ گهٽتائي ٿئي ٿي ۽ انهن جو معيار خراب ٿي وڃي ٿو جيڪو مارڪيٽ ۾ مقابلي کي متاثر ڪري ٿو.

پوٽاشيم جي استعمال جي گهٽتائي جو اثر خاص طور تي اهڙن فصلن تي وڌيڪ پوي ٿو جيڪي وڌيڪ پوٽاشيم جا طلبگار هوندا آهن، جهڙوڪ ڪٽڪ، چانور، ڪمند، ميوا ۽ ڀاڄيون. انهن فصلن ۾ پوٽاشيم جي کوٽ سبب ڪمزور تيلا، سڪل پن ۽ پيداوار ۾ گهٽتائي جا نشان ظاهر ٿي سگهن ٿا. پوٽاشيم جي صحيح مقدار جي غير موجودگي ۾ ٻوٽن جي پاڻيءَ کي جذب ڪرڻ جي صلاحيت بہ گهٽجي ويجي ٿي، جنهن سان خشڪيءَ جي حالتن ۾ ٻوٽن کي وڌيڪ نقصان پهچي ٿو.هن صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ، ضروري آهي تہ هارين کي پوٽاشيم جي فائدن بابت سائنسي ڄاڻ فراهم ڪئي وڃي ۽ ڀاڻن جي متوازن استعمال بابت تربيت ڏني وڃي. ان سان نہ صرف فصلن جي پيداوار ۾ واڌارو ممڪن آهي، پر پاڪستان جي زرعي معيشت جي بهتري ۽ خوراڪ جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ ۾ بہ مدد ملي سگهي ٿي.

**فصل جي پيداوار ۾ پوٽاشيم جو ڪردار:** پوٽاشيم فصلن جي ٻوٽن لاءِ هڪ تمام اهم غذائي جزو آهي، جيڪو انهن جي واڌ ويجهہ، مضبوط سيلن ۽ بهتر پيداوار لاءِ ضروري آهي. اهو پروٽين ٺاهڻ ۾ مدد ڪري ٿو، جيڪي ٻوٽن جي طاقت ۽ واڌ ويجهہ لاءِ اهم آهن. پوٽاشيم امينو ايسڊز (جيڪا پروٽين جا جزا آهن) ٺاهڻ ۾ مدد ڪري ٿو ۽ ان سان ٻوٽن جي بيمارين ۽ سخت حالتن سان مقابلي جي طاقت وڌي ٿي. جيڪڏهن پوٽاشيم جي کوٽ ٿئي تہ ٻوٽن جي واڌ ويجه سست ٿي وڃي ٿي ۽ فصل ڪمزورٿي سگهي ٿو. تنهن ڪري، پوٽاشيم جي مناسب مقدار فصل لاءِ بهتر صحت ۽ پيداوار کي يقيني بڻائيٿي.پوٽاشيم ٻوٽن ۾ اوسموسس جي عمل ذريعي پاڻي جي توازن کي برقرار رکي ٿو، جيڪو پنن جا سوراخ کلڻ ۽ بند ٿيڻ کي ڪنٽرول ڪري ٿو. اهو خشڪيءَ جي حالتن ۾ ٻوٽن کي پاڻي بچائڻ ۾ مدد ڪري ٿو، جنهن سان ٻوٽا وڌيڪ سکي وڃڻ کان محفوظ رهن ٿا. پوٽاشيم جي کوٽ سبب پن جا سوراخ صحيح طريقي سان ڪم نہ ڪندا آهن، جنهن سان ٻوٽا خشڪيءَ کان وڌيڪ متاثر ٿيندا آهن.

پوٽاشيم فوٽوسنٽيسز جي عمل کي وڌيڪ موثر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو جيڪو ٻوٽن لاءِ توانائي پيدا ڪرڻ جو بنيادي عمل آهي. فوٽوسنٽيسز جي دوران، ٻوٽا سج جي روشني کي ڪاربن ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ پاڻيءَ سان گڏ استعمال ڪري کاڌ خوراڪ (گلوڪوز) ٺاهين ٿا.پوٽاشيم ٻوٽن ۾ ڪيترن ئي انزائيمز کي چالو ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو، جيڪي ٻوٽن جي مختلف حياتياتي عملن کي تيز ڪن ٿا. انزائيمز پروٽين آهن، جيڪي ڪيميائي عملن کي تيز ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿا، جهڙوڪ ميٽابولزم، فوٽوسنٽيسز ۽ پروٽين جي ٺهڻ.

پوٽاشيم ٻوٽن ۾ مٺاڻن ۽ نشاستي جي ٽرانسپورٽ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو جنهن سان ٻوٽن جي مختلف حصن ڏانهن کاڌ خوراڪ پهچائي سگهجي ٿي..پوٽاشيم مٺاڻن کي فلوم (phloem) ذريعي منتقل ڪرڻ کي آسان بڻائي ٿو جنهن سان ٻوٽن جي ميويدار حصن ۾ گلوڪوز ۽ نشاستي جي ذخيرن ۾ واڌارو ٿئي ٿو. ان جي نتيجي ۾، ميون جي مٺاڻ ۽ معيار ۾ بهتري اچي ٿي، ۽ ٻج جي پيداوار

پڻ بهتر ٿئي ٿي. جيڪڏهن پوٽاشيم جي کوٽ هجي، ته شگر جي منتقلي سست ٿي وڃي ٿي، جنهن سان ميون جي وڌڻ ۽ ٻج جي نهڻ تي منفي اثر پوي ٿو.

پوٽاشيم ٻوٽن جي مدافعت واري نظام کي مضبوط بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو جيڪو انهن کي بيمارين، ڪيڙن ۽ خراب موسمي حالتن جهڙوڪ خشڪي، سردي ۽ گرميءَ سان مقابلو ڪرڻ جي صلاحيت ڏئي ٿو. پوٽاشيم ٻوٽن ۾ سيل والز (cell walls) کي مضبوط ڪري ٿو جنهن سان ٻوٽا بيماري پيدا ڪندڙ بيڪٽيريا، فنگس ۽ وائرس جي حملي خلاف وڌيڪ مزاحمتي بڻجن ٿا. ان سان گڏ، پوٽاشيم انزائيمز ۽ اينٽي آڪسائيڊنٽس جي پيداوار کي به وڌائي ٿو جيڪي ٻوٽن کي آڪسيڊيٽو دٻاءُ (oxidative stress) کان بچائين ٿا. ان جي مدد سان ٻوٽن جي سيلن کي حفاظت ملي ٿي ۽ اهي ماحولياتي دٻاءُ سان بهتر نموني سان جهيڙڻ جي قابل ٿين ٿا. جيڪڏهن پوٽاشيم جي مقدار مناسب نه هجي، ته ٻوٽن ۾ بيمارين سان مقابلو ڪرڻ جي صلاحيت گهٽجي وڃي ٿي ۽ اهي آسانيءَ سان خراب حالتن ۽ ڪيڙن کان متاثر ٿي سگهن ٿا.

**پوٽاشيم جا ڪيميائي ڀاڻ:** سلفيٽ آف پوٽاش (SOP) پاڪستان ۾ هڪ اعليٰ معيار جو پوٽاشيم ڀاڻ آهي، جيڪو اهڙن فصلن لاءِ استعمال ٿيندو آهي، جن کي بهتر غذائي جزن ۽ ڪلورائيڊ کان پاڪ پوٽاشيم جي ضرورت هوندي آهي. ان ۾ 50 سيڪڙو پوٽاشيم ($K_2O$) ۽ 18 سيڪڙو سلفر (S) شامل هوندو آهي، جيڪو نه رڳو فصلن جي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائيندو آهي پر مٽيءَ جي صحتمندي لاءِ پڻ فائديمند آهي. SOP جي استعمال سان هاءِ ويليو فصلن، جهڙوڪ ميوي، ڀاڄين ۽ نقدي فصلن جهڙوڪ ڪمند جي پيداوار ۾ واڌارو ڏٺو ويو آهي. ان ۾ موجود سلفر فصلن جي سلفر جي ضرورت پوري ڪرڻ سان گڏ مٽيءَ جي صحتمنديءَ کي بهتر بڻائڻ ۾ مددگار آهي. اهو پاڪستان جي ڪيترن علائقن ۾ موجود الڪيلائن مٽيءَ جو پي ايڇ گهٽائي سگهي ٿو جنهن سان ٻيا غذائي جزا، جهڙوڪ فاسفورس ۽ مائڪرو نيوٽرينٽس، وڌيڪ دستياب ٿين ٿا.

ميوريٽ آف پوٽاش (MOP) هڪ مشهور پوٽاشيم ڀاڻ آهي، جيڪو 60 سيڪڙو پوٽاشيم تي مشتمل هوندو آهي. SOP جي مقابلي ۾، MOP ۾ پوٽاشيم جو مقدار وڌيڪ آهي، جيڪو فصلن لاءِ غذائي ضرورتون پوري ڪرڻ ۾ مددگار ٿي سگهي ٿو. پر ان ۾ ڪلورائيڊ جي گهڻي مقدار ان جي استعمال کي محدود ڪري ٿي. ڪلورائيڊ مٽيءَ ۾ لوڻ واري حالتن کي وڌائي ٿي، جيڪا مٽيءَ کي سخت بڻائي، فصلن جي جڙن کي غذائي جزن جذب ڪرڻ ۾ مشڪل پيدا ڪري ٿي ۽ پيداوار کي گهٽائي ٿي. پاڪستان جي مٽي، جيڪا ڪيترن ئي علائقن ۾ اڳ ئي لوڻ جي مسئلن سان متاثر آهي، ان لاءِ MOP جو استعمال وڌيڪ نقصانڪار ٿي سگهي ٿو. ان جي مقابلي ۾ سلفيٽ آف پوٽاش (SOP) وڌيڪ موزون آهي، ڇاڪاڻ ته اهو ڪلورائيڊ کان پاڪ آهي. SOP مٽيءَ جي صحت کي برقرار رکندي فصلن جي پيداوار ۽ معيار کي بهتر بڻائي ٿو خاص طور تي ميوي، ڀاڄين ۽ ٻين حساس فصلن لاءِ. اهو صرف انهن علائقن ۾ استعمال ڪرڻ گهرجي جتي مٽي ۾ لوڻ جي مسئلن کان پاڪ هجي. جڏهن ته عام حالتن ۾ SOP کي ترجيح ڏيڻ گهرجي ته جيئن مٽيءَ جي صحت برقرار رهي ۽ فصلن جي پيداوار بهتر ٿئي. تنهن ڪري مٽيءَ جو خيال رکڻ ۽ مناسب ڀاڻ استعمال ڪرڻ سان نه رڳو فصل چڱو ٿيندو پر مٽيءَ جي زرخيز صلاحيت به برقرار رهندي.

**پوٽاشيم جي فراهمي لاءِ ڪمپوسٽ جو استعمال:**

پوٽاشيم جي فراهمي لاءِ ڪمپوسٽ استعمال ڪرڻ خاص طور تي انهن فصلن لاءِ فائديمند آهي جيڪي ڪيميائي ڀاڻن سان حساس آهن يا جيڪي لوڻ ۽ غذائي جزن جي توازن ۾ مسئلن ۾ ڦٽي رهيا آهن. ڪمپوسٽ ۾ پوٽاشيم سان گڏ ٻيا اهم غذائي جزا جهڙوڪ نائيٽروجن، فاسفورس ۽ ٻين اهم عناصر به موجود هوندا آهن، جيڪي مٽي جي زرخيز صلاحيت ۽ فصلن جي صحت کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ڏين ٿا.

هاري ڪمپوسٽ ۾ پوٽاشيم وڌائڻ لاءِ اهڙن موادن کي شامل ڪري سگهن ٿا جيڪي پوٽاشيم ۾ مالا مال هجن، جهڙوڪ ڪيلي جا ٻوٽا، ڪاٺ جي راک ۽ مخصوص قسم جا ڀاڻ، جهڙوڪ مرغين جو ڀاڻ. ڪمپوسٽ جو باقاعده استعمال، ۽ پوٽاشيم ڀاڻن جي مناسب مقدار سان گڏ، مٽيءَ لاءِ هڪ متوازن غذائي نظام ناهي ٿو جنهن سان مٽي جي صحت ۾ بهتري ايندي آهي ۽ فصلن جي پيداوار ۾ واڌارو ٿيندو آهي. مختصر طور تي، ڪمپوسٽ هڪ ماحول دوست ۽ سستو طريقو آهي جيڪو پوٽاشيم جي فراهمي ۾ مدد ڪري ٿو. اهو فقط ٻوٽن جي واڌ ويجهه کي بهتر نٿو ڪري، پر مٽيءَ جي معيار کي به بهتر بڻائي ٿو جنهن سان مستقبل ۾ پائيدار زرعي طريقا اپنائڻ ۾ مدد ملندي آهي.

**هارين لاءِ اهم صلاح:** هارين کي پنهنجي فصلن ۾ پوٽاشيم جو استعمال ضرور ڪرڻ گهرجي. جڏهن ته پوٽاشيم ڀاڻ جي قيمت ٿوري وڌيڪ ٿي سگهي ٿي، پر اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته پوٽاشيم کان سواءِ فصلن کي متوازن غذا فراهم ڪرڻ ممڪن ناهي. پوٽاشيم جي گهٽتائي سان فصلن جي پيداوار ۽ معيار ۾ واضح گهٽتائي اچي ٿي. خوش قسمتي سان، اسان وٽ پوٽاشيم جي قيمتي ڪيميائي ڀاڻن جا ڪيترائي قدرتي متبادل موجود آهن، جيڪي نه صرف خرچن کي گهٽائي سگهن ٿا، پر فصلن جي معيار ۽ پيداوار ۾ پڻ اضافو ڪري سگهن ٿا. هارين کي ان بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۽ قدرتي طريقن کي اپنائڻ گهرجي، جيئن ته اهي وڌيڪ فائديمند ثابت ٿي سگهن. هارين کي اها صلاح ڏني ويندي ته هر سال گهٽ ۾ گهٽ 1 ٽرالي ڪٽڙين جي ڀاڻ جو استعمال ڪن. اهو عمل زمين جي زرخيز صلاحيت کي وڌائيندو ۽ ڊگهي مدت ۾ پيداوار ۾ اضافو ڪندو. انهيءَ طرح، مناسب پوٽاشيم ۽ قدرتي ڀاڻن جو استعمال فصلن جي صحت ۽ مٽيءَ لاءِ فائديمند آهي، جيڪو بهترين پيداوار ۽ اعليٰ معيار کي يقيني بڻائي ٿو.

# آبادگار پنهنجي زراعت کي ڪاروبار ۾ تبديل ڪري سگهن ٿا

صدام حسين پيرزادو، پلاننگ آفيسر، زرعي توسيع سنڌ حيدرآباد

سنڌ جا آبادگار پنهنجي زراعت کي ڪاروبار ۾ تبديل ڪري وڌ ۾ وڌ فائدو وٺڻ لاءِ مختلف طريقن ۽ حڪمت عملين تي عمل ڪري سگهن ٿا. سنڌ جو زراعت وارو شعبو تاريخي طور تي اهميت رکندڙ آهي ۽ هن وقت به سنڌ ۾ معالي حالت ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. سنڌ ۾ آبادگارن کي پنهنجن زرعي ڪم ڪارن کي ڪاروباري انداز ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ ڪيترين ئي جديد ٽيڪنالاجين ۽ حڪمت عملين جي ضرورت آهي جيڪي انهن جي پيداوار کي بهتر بڻائڻ، منافعو وڌائڻ ۽ مارڪيٽ ۾ مقابلي جي لاءِ مددگار ثابت ٿي سگهن. سنڌ جا آبادگار ڪيئن پنهنجي زراعت کي ڪاروباري طريقي سان مضبوط ڪري سگهن ٿا. ان سان گڏ اسان زراعت کي ڪاروبار ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ ضروري عنصرن، چيلنجن ۽ طريقن تي پڻ بحث ڪنداسين. ان مقصد لاءِ آبادگار کي نيون ٽيڪنالاجيون، مؤثر منصوبابندي، مارڪيٽنگ ۽ وڪرو جي حڪمت عملين ۽ تعليمي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ جي ضرورت آهي. اڄڪلهه جي دور ۾، جڏهن ته دنيا ۾ زرعي پيداوار جو معيار ۽ مقدار وڌائڻ جي ضرورت آهي، سنڌ جي آبادگارن کي پنهنجي پيداوار کي وڌيڪ منافع بخش ۽ مضبوط بڻائڻ لاءِ انهن سيني نقطن تي عمل ڪرڻ ضروري آهي.

**1. نئين ٽيڪنالاجي جو استعمال:** نئين ٽيڪنالاجي جو استعمال زراعت کي ڪاروبار ۾ تبديل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. جديد ٽيڪنالاجي جو استعمال زرعي پيداوار جي ڪارڪردگي ۽ معيار کي بهتر بڻائي سگهي ٿو. ان ۾ زرعي مشينن، اوزارن ۽ خودڪار نظام جو استعمال شامل آهي، جيڪي آبادگارن کي پيداوار ۾ اضافو ڪرڻ، مشقت گهٽائڻ ۽ وقت بچائڻ ۾ مدد ڏين ٿيون. مثال طور ڪولڊ اسٽوريج جي ٽيڪنالاجي، زرعي مشينري، ٽريڪٽر، ڪٽڻ واري مشين، پلانٽر، ليزرليولر ۽ هارويسٽر جو استعمال پيداوار ۾ جلد ۽ ڪارڪردگي وڌائي ٿو. ان سان آبادگارن کي فصلن جي سنڀال ۾ آساني ٿئي ٿي، ۽ انهن کي هٿن سان ڪم ڪرڻ جي ضرورت گهٽ ٿي وڃي ٿي. ايريگيشن، ڊرپ ايريگيشن، اسپري ايريگيشن ۽ آٽو ميٽڪ آبپاشي نظام جو استعمال پاڻي بچائڻ ۽ فصلن کي صحيح انداز ۾ سنڀالڻ ۾ مدد ڪري ٿو. جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال سان، آبادگار پنهنجن زمينن کي بهتر طور تي آباد ڪري سگهن ٿا ۽ انهن جي پيداوار ۾ هڪ وڏي اضافو آڻي سگهن ٿا، جيڪا ڪاروبار جي لحاظ سان فائديمند ثابت ٿي سگهي ٿي.

**2. فصلن جي منصوبابندي ۽ انتخاب:** فصلن جي منصوبابندي ۽ صحيح فصلن جو انتخاب هڪ اهم عنصر آهي جيڪو زراعت کي ڪاروبار ۾ تبديل ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. فصلن جي منصوبابندي ۾ آبادگار کي مٽي جي قسم، موسم ۽ فصلن جي پيداوار جي قدرتي صلاحيتن جو جائزو وٺڻ گهرجي. زمين۽ موسم جو مطالعو ڪرڻ فصلن جي انتخاب کان پهريان، آبادگارن کي مٽي ۽ موسم جو جائزو وٺڻ گهرجي. ڪجهه فصلن کي خاص قسم جي مٽي ۽ موسمي حالتن جي ضرورت هوندي آهي. مثال طور، ڪڻڪ جي ٿڌي موسم ۽ خشڪ مٽي ۾ بهتر واڌويجهه ٿئي ٿي جڏهن ته ونڊڻ گرم ماحول ۾ وڌيڪ پيداوار ڏين ٿا. گڏيل پوکي ۾ مختلف فصلن کي هڪ ئي زمين ۾ پوکڻ جو طريقو آهي، جيڪو مٽي کي تازو رکڻ ۽ فصلن جي واڌويجهه کي بهتر بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو. اهو پڻ فصلن جي پيداواري صلاحيت کي وڌائيندو آهي. **نامياتي زراعت:** نامياتي زراعت ۾ قدرتي اوزار ۽ گهٽ ڪيميائي مواد جو استعمال ڪيو وڃي ٿو جنهن سان پيداوار ۾ صحت مند هجڻ ۽ ماحولياتي اثر گهٽ ٿيندا آهن. آبادگارن کي پنهنجي زرعي طريقن ۾ نون ۽ قدرتي طريقن کي اپنائڻ گهرجي، جيئن ته انهن جو ڪاروبار ماحول دوست ۽ صحتمند بڻجي.

**3. زرعي قرض ۽ سرمائيداري:** زرعي قرض ۽ سرمائيداري جي مدد سان آبادگار پنهنجي زراعت ۾ سيڙپڪاري ڪري سگهن ٿا، جنهن سان زراعت کي ڪاروبار ۾ تبديل ڪرڻ ۾ مدد ملندي آهي. زرعي قرض مختلف زرعي ادارن، بينڪن ۽ حڪومتن طرفان مهيا ڪيا وڃن ٿا، جيڪي آبادگارن کي نون اوزارن، مشينن ۽ ٽيڪنالاجي ۾ سيڙپڪاري

ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿا. زرعي قرض: زرعي قرض آبادگارن کي پيداوار ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ مالي مدد فراهم ڪندو آهي. آبادگار قرضن جي مدد سان زرعي اوزار، فصلن جي سار سنڀال ۽ جديد ٽيڪنالاجي ۾ سيڙپڪاري ڪري سگهن ٿا، جنهن سان پيداوار ۾ اضافو ٿيندو. **حڪومتي سبسڊي:** حڪومت زرعي شعبي کي هٿي ڏيڻ لاءِ مختلف سبسڊيز مهيا ڪري ٿي، جيئن ته زرعي مشينن تي سبسڊي، ٻوٽن ۽ فصلن لاءِ آبپارن جون سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ قدرتي آفتن کان پوءِ امداد. **سيڙپڪاري:** آبادگارن کي پنهنجي زراعت ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ گهرجي، جيئن ته زرعي ڪارخانن ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ، پيداوار جي پروسيسنگ ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ ۽ زرعي پيداوار جي اضافي قدر ناهڻ. ان سان گڏ، آبادگار پنهنجي زمينن ۾ به سيڙپڪاري ڪري سگهن ٿا، جيئن ته وڌيڪ پيداوار حاصل ٿئي.

**4. مارڪيٽنگ ۽ وڪرو:** زراعت کي ڪاروبار ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ مارڪيٽنگ ۽ وڪرو ضروري آهي. هڪ اهم طريقيڪار آهي. زرعي مصنوعات جي صحيح ۽ موثر مارڪيٽنگ ۽ وڪرو جو عمل. آبادگار کي پنهنجي زرعي مصنوعات کي موثر انداز ۾ مارڪيٽ ۾ پيش ڪرڻ لاءِ جديد حڪمت عملي اختيار ڪرڻ گهرجي. آن لائن مارڪيٽنگ: انٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا پليٽ فارمز جهڙوڪ فيس بوڪ، انسٽاگرام، ۽ اي ڪامرس ويب سائيٽس، ذريعي آبادگار پنهنجي زرعي مصنوعات کي سڌو صارفين تائين پهچائي سگهن ٿا. ان سان گڏ، انٽرنيٽ ذريعي مقامي، قومي ۽ بين الاقوامي مارڪيٽ تائين رسائي حاصل ڪري سگهجي ٿي. برانڊنگ ۽ پيڪنگ: زرعي مصنوعات جي برانڊنگ ۽ پيڪنگ ۾ بهتري پيدا ڪرڻ سان صارفين جو ڌيان وڌيڪ ڇڪايو وڃي ٿو ۽ مارڪيٽ ۾ مقابلي ۾ برتري حاصل ڪئي وڃي ٿي. مثلاً ڳاڙهين ۽ خوبصورت پيڪنگ، برانڊ لوگو ۽ واضح پروڊڪٽ ڄاڻ آبادگارن جي خريداري جي صلاحيت ۾ اضافو ڪري ٿي. مارڪيٽ ۾ رسائي: آبادگارن کي پنهنجن مصنوعات کي مختلف مارڪيٽن ۾ فروخت ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي اختيار ڪرڻ گهرجي، جهڙوڪ وڏن شهرن ۾ مارڪيٽنگ، ايڪسپورٽ ۽ رٽيل چينل ۾ حصو وٺڻ. ان سان گڏ، آبادگار کي مختلف نيٽ ورڪنگ پليٽ فارمز ۾ حصو وٺڻ گهرجي، جيئن ته زرعي نمائشن، فيئرز ۽ ايگزيبشن.

**5. پيداوار ۾ بهتر اضافو پيدا ڪرڻ:** پيداوار ۾ بهتر اضافو پيدا ڪرڻ، زراعت کي ڪاروبار ۾ تبديل ڪرڻ جو هڪ اهم طريقو آهي. آبادگارن کي پنهنجي خام مال کي پروسيس ڪري، نيون مصنوعات ناهڻ ۽ وڌيڪ قيمت پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي. پروسيسنگ يونٽ قائم ڪرڻ: آبادگارن کي پنهنجي فصلن کي پروسيس ڪرڻ لاءِ ڪارخانا قائم ڪرڻ گهرجن. مثال طور، ڪڻڪ، مڪڻ ۽ زيتون جو تيل پروسيس ڪري آبادگار اضافي ناٽو ڪمائي سگهن ٿا. ان سان گڏ، فصلن جي پروسيسنگ سان نيون مصنوعات پڻ ناهي سگهن ٿيون، جيڪي بازار ۾ وڌيڪ منافعو فراهم ڪن ٿيون. نئين مصنوعات جو تعارف: آبادگارن کي نون ۽ دلچسپ مصنوعات ناهڻ ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ گهرجي. مثال طور، مکڻ مان گيهه ناهڻ، زيتون مان تيل ۽ ٻيا صحت مند پروڊڪٽس پيدا ڪرڻ سان پيداوار ۾ بهتر اضافو ٿيندو ۽ آبادگارن جو ڌيان وڌندو.

**6. سماجي ۽ ماحولياتي ذميواري:** زراعت کي ڪاروبار ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ آبادگارن کي ماحولياتي ۽ سماجي ذميوارين جو خيال رکڻ ضروري آهي. زرعي ڪاروبار صرف منافعو حاصل ڪرڻ لاءِ ناهي، بلڪ ماحول ۽ سماج تي اثرن جو خيال رکڻ به ضروري آهي. ماحول دوست طريقا، ماحول دوست زرعي طريقن جو استعمال، جهڙوڪ ماحولياتي نقصان کان بچڻ، قدرتي وسيلن جو تحفظ ۽ پائيدار زراعت، ڪاروباري زراعت کي وڌيڪ موثر بڻائي ٿو. آبادگارن کي قدرتي وسيلن، جهڙوڪ پاڻي، مٽي ۽ قدرتي وسيلن جو موثر استعمال ڪرڻ گهرجي. پائيدار زراعت: پائيدار زراعت ۾ قدرتي وسائل کي بچائڻ ۽ ماحولياتي اثرات کي گهٽائڻ لاءِ مناسب طريقن کي استعمال ڪيو ويندو آهي. ان سان گڏ، زراعت ۾ لچڪ ۽ مختلف قدرتي آفتن کان بچڻ جي صلاحيت وڌي ٿي.

**7. تعليمي ۽ فني تربيت:** تعليمي ۽ فني تربيت آبادگارن جي صلاحيتن کي وڌائڻ لاءِ اهم آهي. آبادگارن کي نون زرعي طريقن، مشينن، ٽيڪنالاجي ۽ ڪاروباري انتظام بابت تربيت ڏيڻ ضروري آهي. زرعي تعليم: آبادگارن کي زرعي جديد طريقن بابت علم حاصل ڪرڻ گهرجي، جيئن ته مشينن جي استعمال، جديد ٽيڪنالاجيون ۽ پيداوار وڌائڻ جا طريقا. ورڪشاپس ۽ سيمينار: آبادگارن کي ورڪشاپس ۽ سيمينارز ۾ شرڪت ڪرڻ گهرجي، جتي انهن کي زرعي ۽ ڪاروباري طريقن ۾ نون نظرين ۽ حڪمت عملين بابت ڄاڻ حاصل ٿي سگهي ٿي. ان سان گڏ، آبادگارن کي مارڪيٽنگ، پروسيسنگ ۽ مالي انتظام بابت پڻ ڄاڻ حاصل ٿي سگهي ٿي.

# ٽريڪٽرءِ ان جي سارسنڀال

اعجاز احمد لغاري
ايگريڪلچر آفيسر
زرعي توسيع تعلقہ جوهي

**ٽريڪٽر مان وڌيڪ فائدا حاصل ڪرڻ:** مشيني پوک ۾ ٽريڪٽر کي تمام نمايان مقام حاصل آهي. زرعي پيداوار ۾ ترقي ۽ خود ڪفالت گهڻي ڀاڱي ٽريڪٽر يعني مشيني پوک ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهي آهي. زرعي مشينون عام طور ٽريڪٽر جي مدد سان ئي هلن ٿيون. انهن ۾ زمين کيڙڻ ۽ تيار ڪرڻ وارا هر ڦار، زمين سنوت ڪرڻ واريون مشينون، ٻج ڇٽڻ واريون مشينون، پوکيءَ لاءِ ناڙيون، گڏ ڪرڻ واريون مشينون، وٿاڻ جو ڀاڻ ۽ ڪيميائي ڀاڻ ڪنڊيرڻ واريون مشينون، لابارو ۽ ڳاهہ واريون مشينون وغيره شامل آهن. انهن کان علاوه ٻيون بہ ڪيتريون ئي زرعي مشينون آهن جن کي پڻ ٽريڪٽر جي مدد سان هلائي زراعت ۾ استعمال ڪيو ويجي ٿو. ان مان صاف ظاهر آهي تہ مشيني پوک جو مڪمل دارومدار ٽريڪٽر تي آهي، جنهن تي اسان وڏ ۾ وڏ موڙي سيڙايون ٿا ۽ ان مان وڏ ۾ وڏ فائدو حاصل ڪرڻ جي اميد رکون ٿا. ٽريڪٽر مان وڌيڪ فائدا حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهہ بنيادي ڳالهيون ذهن ۾ رکڻ گهرجن. انهن ۾ ٽريڪٽر جي بهتر سارسنڀال سرفهرست آهي. صحيح سارسنڀال صرف تجربيڪار يا سٺي سکيا ورتل آپريٽر ئي ڪري سگهي ٿو. ڇو تہ هن کي ٽريڪٽر جي سنڀال بابت مڪمل ڄاڻ هوندي ۽ تمام ڏيان سان روزانہ ڪم تي وڃڻ کان اڳ، هفتيوار ۽ مختلف وقفن کان پوءِ سفارش ڪيل اصولن تحت سارسنڀال ڪندو رهندو. جنهن سان ٽريڪٽر ۾ تمام گهٽ نقص پيدا ٿيندا ۽ جيڪڏهن ڪو نقص پيدا بہ ٿيو تہ هو ٽريڪٽر جي آواز سان ان کي محسوس ڪندو. ان کي ڳولهي سگهندو ۽ ان کي ٺيڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو يا ان جي مرمت ڪرائيندو ۽ ائين ڪرڻ سان ٽريڪٽر هر وقت ۽ هر موسم ۾ ڪم لاءِ تيار ملندو ۽ آبادگارن لاءِ مسئلا پيدا نہ ڪندو. پر ڏٺو ويو آهي تہ اسان جا ڪجهہ آبادگار پنهنجي ڪنهن ڇوڪري کي ڪنهن آپريٽر سان چند ڏينهن سکيا لاءِ موڪليندا، جيڪو جڏهن اسٽرئرنگ هلائڻ سکي ويندو تہ ٽريڪٽر سندن حوالي ڪندا. هن کي ٽريڪٽر جي سنڀال جي اهميت ۽ ٽريڪٽر بابت گهٽ معلومات هجڻ ڪري سندس ٽريڪٽر سدائين مسئلن جو شڪار هوندو ۽ اڪثر ڪنهن نقص سبب بيڪار بيٺو رهندو. ان ڪري آبادگارن کي گهرجي تہ اهي ٽريڪٽر تي اهڙا ماڻهو رکن جنهن کي ٽريڪٽر هلائڻ کان علاوه سندس سارسنڀال، مرمت ۽ نقص دور ڪرڻ متعلق سٺي سکيا مليل هجي، اڻ ڄاڻ آپريٽر پاڻ لاءِ، مالڪ لاءِ ۽ ٻين لاءِ هر وقت خطرو بڻيل هوندا آهن.

ٻي ڳالهہ اها آهي تہ ٽريڪٽر کان وڏ ۾ وڏ ڪم وٺو ۽ سندس طاقت آهر ڪم وٺو. مثلا جيڪڏهن ڪنهن ٽريڪٽر کان جنهن جو هارس پاور 50 کان 60 هجي ۽ ان کان صرف پاٽيو گهلائجي يا ڪو هلڪو ڦلڪو پيتر ٻجڻ وارو اوزار گهلائجي تہ اها سراسر زيادتي آهي، اهو ڪم تہ ڏاندن جو جوڙو بہ ڪري سگهي ٿو. عام طور اسان کي ٽريڪٽر جو خرچ صرف سندس تيل، ڊيزل، مرمت ۽ آپريٽر جي پگهار جي صورت ۾ نظر اچي ٿو جنهن کي چرهڙ خرچ چيو ويجي ٿو. پر ڪجهہ خرچ اهڙا آهن جيڪي عام آبادگارن جي ذهن ۾ نہ هوندا آهن. مثلاً ٽريڪٽر جي خريد تي سيڙايل موڙي تي ساليانو نفعو جيڪڏهن اها ڪنهن بئنڪ يا نفع بخش اداري ۾ جمع رکي هجي، وقت گذرڻ سان ٽريڪٽر جي قيمت ۾ گهٽتائي، ٽريڪٽر لاءِ اجهو وغيره اهڙا خرچ آهن جيڪي لڪل آهن. هنن کي ٻڌل خرچ چئجي ٿو ۽ اهي خرچ ۾ شامل هوندا آهن. ڇر هڙ ۽ ٻڌل خرچن کي ملائي ٽريڪٽر جي 10 هزار ڪلاڪ عمر ٻڌي في ڪلاڪ خرچ جو تخمينو لڳايو ويجي ٿو. فرض ڪريو تہ سٺي سارسنڀال ڪري ٽريڪٽر 10 هزار ڪلاڪن بجاءِ 15 يا 20 هزار ڪلاڪ ڪم ڏئي ٿو تہ ان سان في ڪلاڪ خرچ گهٽجي ويندو ۽ اسان ٽريڪٽر مان مالي توڙي پيداوار لحاظ کان وڌيڪ فائدو حاصل ڪري سگهنداسون.

ٽئين مُک ڳالهہ اها آهي تہ پنهنجي ٽريڪٽر کي واندو ويهاري نہ ڇڏيو. اسان وٽ جيتوڻيڪ ڪافي ٽريڪٽر موجود آهن پر ايراضيءَ جي لحاظ کان اسان کي اڃا ڪافي ٽريڪٽرن جي ضرورت آهي ۽ اسان جا ڪافي آبادگار جن کي ٽريڪٽرن جي ضرورت آهي ۽ اسان جي ڪافي آبادگار جن وٽ ٽريڪٽر ناهن، اهي مشيني پوک جي فائدي کي ڏسندي جيتوڻيڪ ٽريڪٽر خريد ڪرڻ جي سگهہ نٿا رکن پر استعمال ضرور ڪن ٿا. ان ڪري پنهنجي ٽريڪٽر کي ڀرپاسي جي آباگارن کي ضرورت آهر مناسب ڪرائي تي ڏيڻ گهرجي. ان سان هڪ طرف توهان جو ٽريڪٽر نفعو ڪمائي ڏيندو ۽ ٻئي طرف قومي پيداوار وڌندي ۽ هاريءَ جي معاشي حالت سڌرندي، ڪافي اهڙا ماڻهو بہ آهن جن وٽ پنهنجي زمين بلڪل ناهي ۽ اهي هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ٽريڪٽر صرف ڪرائي تي هلائين ٿا ۽ اهو سندن نفع بخش ڪاروبار آهي.

توهان پنهنجو ٽريڪٽر صرف کيڙي يا زمين جي سنوت لاءِ بہ بلڪہ ڪيترن ئي زرعي عملن ۾ ڪتب آڻي وڏ ۾ وڏ فائدو حاصل ڪري سگهو ٿا. ان کي ڪريا ٺاهڻ، اڏون ٺاهڻ، ٻنا ٻڌڻ، فصل ناڙي ڪرڻ، ڪمند ۽ وونئڻن ۾ يا قطارن ۾ پوکيل فصل ۾ گڏ ڪيڻ، ڦوهارو ڪرڻ، لابارو ڪرڻ، ڳاهہ ۽ وائر يعني ٿريشر هلائڻ، ڳنڙيون ٻڌڻ، پاٽي ڇڪڻ، چلها ٺاهڻ، وڻ پاڙئون اکيڙڻ، رود ٺاهڻ، ٽرالي ۾ بار ڍوئڻ وغيره جهڙا انيڪ ٻيا ڪم ڪري پنهنجي ٽريڪٽر کي مشغول رکي سگهو ٿا ۽ ان مان وڏ ۾ وڏ فائدا حاصل ڪري سگهو ٿا.

# ناماياتي پوک ۾ جيتن ۽ بيمارين لاءِ اپاءُ وٺڻ

اسلام الدين مجيداڻو

جيتن ۽ بيمارين کان بچاءُ لاءِ ڪيترائي اُپاءُ وٺڻا پوندا. جن مان ڪجھ اپاءُ ڊگھي عرصي لاءِ ۽ ڪجھ اُپاءُ تڪڙا وٺڻا آهن. انهن سڀني اپائن جو هڪ بئي سان ڳانڍاپو آهي. جنهن جو مقصد اهو آهي تہ فصل لاءِ هاڃيڪار جيت ۽ بيمارين گهٽايون وڃن تہ جيئن اهي فصل پنهنجو جياپو ڪري سگهن ۽ پڻ بيا لاڳاپيل فائديمند جيت، زمين ۾ رهندڙ فائديمند جيتامڙن جو پڻ جياپو ٿي سگهي.

فصلن جي جيتن ۽ بيمارين کان بچاءُ لاءِ اُپائن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

فصلن جي تندرستي جو تعلق زمين جي ساخت سان آهي، جنهن ۾ زمين اندر ناماياتي جزن جو توازن وارو هجڻ ضروري آهي، ان سان گڏوگڏ زمين جي تيزابيت جو صحيح هئڻ ضروري آهي. ان لاءِ ضروري آهي تہ زمين جي چڪاس ڪرائي وڃي، ڪمزور زمين هئڻ ڪري فصل ڪمزور ٿيندو. اهڙن فصلن تي بيمارين ۽ جيتن جو حملو وڌي وڃي ٿو.

**فصل سان گڏ ڪشي ٻوٽا لڳائڻ:** فصلن سان گڏ ڪششي ٻوٽا لڳائڻ ڪري ٻاجهر، جوئر، نازبو، تلسي، سورج مُکي، برسيم، لوسڻ، مڪئي، گينديءَ جا گل پوکڻ سان پکي ۽ فائديمند جيت اچن ٿا، جنهن ڪري نقصانڪار جيتن ۾ گهٽتائي ٿيو وڃي ۽ فصل پڻ بيمارين کان بچيو وڃي.

**فصلن ۾ هر قار وسيلي تدارڪ ڪرڻ:** فصلن ۾ هر يا ڊڙ ڏيڻ سان زمين ۾ موجود جيتن جا بچا، آنا ۽ سوبت زمين کان ٻاهر اچي وڃڻ ڪري پکين جو کاڄ ٿي وڃن ٿا. هن سان گڏوگڏ فائديمند جيت پڻ آساني سان انهن کي کائي ختم ڪري ڇڏين ٿا. اهڙي نموني سان فصلن ۾ هوا ۽ اس جو گذر سنو ٿئي ٿو ۽ گهم گهٽ ٿيڻ ڪري بيماريون ۽ جيت گهٽ لڳندا آهن.

**فصلن جو معائنو ڪرڻ:** فصلن جو معائنو هميشہ ڌيان سان ڪبو رهجي. جيڪڏهن مهلو سائو مهلو اچي مڪ جيڪي بيڪٽريائي ۽ وائرس واريون بيماريون ڦهلائين ٿا انهن کي ختم ڪري سگهجي ٿو.

**فصلن ۾ زرعي اوزارن جي استعمال کان پوءِ ڌوئي صاف ڪرڻ:** بيمارين لڳل فصلن ۾ ڪم ڪندڙ مزدور ۽ سندن اوزار جيڪڏهن صحتمند فصل ۾ ويندا ۽ اوزار استعمال ڪبا تہ انهن سان پڻ جيت ۽ بيماريون پکڙجن ٿيون. ان لاءِ ضروري آهي تہ انهن اوزارن کي ڪم ڪار ڪرڻ کانپوءِ ڌتول ملايل گرم پاڻي سان ڌوتو وڃي تہ جيئن جراثيم ختم ٿي وڃن.

**پاڻي جو استعمال:** ڪوشش ڪري بيمارين ۽ جيتن جي حملي واري فصل کي الڳ سان پاڻي ڏنو وڃي تہ جيئن بين فصلن جيتن ۽ بيمارين کان بچائي سگهجي.

**ٻوٽن مان تيار ڪيل مرڪبن جو استعمال:** فصلن ۾ جيڪڏهن جيت يا بيماريون آهن تہ پوءِ فصلن کي نم، ڌاتورو اڪ، ٿوهر، ٿوم وغيره جا مرڪب ناهي، انهن مٿان ڦوهارو ڪجي. جنهن سان جيتن ۽ بيمارين جو تدارڪ ٿي وڃي ٿو نہ صرف ايترو پر جيڪڏهن جيت هوندا تہ بہ اهي فصلن کي نقصان نٿا رسائي سگهن.

**مختلف رنگن وارن پائن جو استعمال:** مختلف رنگن وارن پائن تي ڪيترائي جيت ايندا آهن. جيڪي انهن پائن تي لڳل گريس يا ڪوئر تي چنبڙيو پوندا آهن.

**بورڊيڪس مڪسچر جي استعمال سان بيماري تي ضابطو:** آباڳار بورڊيڪس مڪسچر جو استعمال ڏيڍ صدي کان وٺي ڪاميابي سان ڪندا پيا اچن. انهي جو استعمال ميون، ڀاڄين ۽ نمائشي ٻوٽن تي ٿئي پيو. بورڊيڪس مڪسچر نہ فقط سينور پر بيڪٽريائي بيمارين جي لاءِ بہ ڪارائتو آهي، جنهن ۾ بيڪٽريا جي ڪري پنن جا داغ، اچو سينور، پورو سينور ۽ سوڪهڙي واريون بيماريون اچي وڃن ٿيون. بورڊيڪس مڪسچر جي اها خوبي آهي تہ برسات ۾ بہ هي ٻوٽن سان چنبڙيل رهي ٿو جنهن جي ڪري آباڳارن جي لاءِ فائديمند آهي.

**بورڊيڪس مڪسچر ناهڻ جو طريقو:** بورڊيڪس مڪسچر ناهڻ جا ڪيترائي طريقا آهن. پر سڀ کان مشهور فائديمند ۽ ٻوٽن کي گهٽ نقصان (ساڙ) ڪرڻ وارو طريقو هيٺ ڏجي ٿو

سڀ کان پهرين نيري رنگ جو توتيو (ڪاپر سلفيٽ) 90 گرام ۽ پاڻي ساڍا چار لٽر ڪنهن پلاسٽڪ واري دٻي ۾ ملائجي، ان کان پوءِ ٻئي پلاسٽڪ جي دٻي ۾ 125 گرام چن کي ساڍا چار لٽر پاڻي ۾ ملائجي. پهرين ٻنهي محلولن کي چڱي طرح سان ڇچوليو پوءِ وري ٻنهي محلولن کي پاڻ ۾ ملايو ان کان پوءِ محلون کي ڇچوليو تہ جيئن ٻئي ڳار چڱي طرح سان ملي وڃن. هاڻي بورڊيڪس مڪسچر استعمال لاءِ تيار آهي.

بورڊيڪس مڪسچر کي مڪئي ۽ جوئر تي استعمال ڪرڻ کان پرهيز ڪجي. ڇاڪاڻ تہ اهڙا فصل توتيئي لاءِ حساس آهن. وڌيڪ گرمي پد ۾ بورڊيڪس مڪسچر جو استعمال نہ ڪجي.

**ڪير جو استعمال:** ڪجھ تحقيقارن مختلف بيمارين خلاف ڪير جو استعمال ڪيو جنهن سان فائدا نظر آيا. جهڙوڪ: ساڙ سينور، موزڪ ۽ وائرس وغيره تي فائدي وارو ڏنو ويو آهي. انهيءَ لاءِ هڪ لٽر ڪير کي 10 کان 15 لٽر پاڻي ۾ ملائي هر 10 ڏينهن جي وقفي سان ڦوهارو ڪري سگهجي ٿو.

**سوڊا ڪار جو استعمال سينور ۽ رتي کي روڪي ٿو:** هن جو استعمال سينور ۽ رتي جي بيمارين کي روڪڻ لاءِ ڪيو وڃي ٿو. ان لاءِ 100 گرام ڪار واري سوڊا ۽ 50 گرام صابڻ کي 2 لٽر پاڻي ۾ حل ڪري ملائي ڦوهارو ڪيو وڃي. هن ڳار جو ڦوهارو فقط هڪ دفعو ڪجي، جنهن ۾ سال جو وقفو هئڻ گهرجي. هن محلول کي پڻ گرمي ۾ استعمال کان پاسو ڪجي. استعمال کان پهرين، پنن مٿان چڪاس ڪيو وڃي تہ جيئن انهي جي اثر کي معلوم ڪري سگهجي.

# ڦرن جون بيماريون ۽ علاج

ڦرن ۾ موت جي شرح تمام گهڻي آهي. جيڪا اندازن 50 سيڪڙو تائين آهي. جنهن ڪري جانور جي واڌ ۽ پيداوار ۾ گهٽتائي ٿيندي آهي. هي نقصان مورثي، ڏکي پيدائش، غلط طريقي سان ڦر ڄڻائڻ، ڦرن ۾ کاڌي جي خرابي يا شروعاتي کير پيارڻ ۾ گهٽتائي، اندرئين ڪيڙن يا حياتين (وٽامن اَي) جي گهٽتائي جي ڪري يا وري وڌيڪ کاڌي کائڻ ڪري ٿين ٿا. موت جي سيڪڙي ۾ گهٽتائي لاءِ ضروري آهي ته ڦرن جي صحيح سارسنڀال ڪجي ۽ بيمارين کان بچاءُ جا اُپاءَ وٺجن.

### 1. ڦرن جا اڇا دست:

هي بيماري گهڻو ڪري تازن ڄاول ڦرن ۾ يا پيدائش کانپوءِ ٻن ٽن هفتن جي ڦرن ۾ ٿئي ٿي. هن بيماري جو سبب (E.Coli) جيوڙو آهي. عام طرح جيوڙن واري کاڌي کائڻ سان هي بيماري پکڙجي ٿي، جن ڦرن کي پس گهٽ مقدار ۾ پياريو آهي ته انهن کي هي بيماري جلد لڳندي آهي. ان کانسواءِ خراب ٿانون کي چٽڻ سان به هي بيماري ظاهر ٿيندي آهي.

**نشانيون:** ڇيڻو ميري رنگ جو ليسدار ايندو آهي. جيڪو پوءِ اڇي رنگ يا هيڊي رنگ جي دستن ۾ بدلجي ويندو آهي، دستن ۾ بدبوءِ ٿيندي آهي ۽ پوين ٽنگون دستن سان ٻريل هونديون آهن پيٽ ۾ سور، جسم ۾ پاڻي جي کوٽ، ڪنڌ ۽ چيلھ سيٽيل. ساھ ۽ نبض تيز ٿي ويندي آهي ۽ بخار پڻ وڌي ويندو آهي.

**علاج ۽ بچاءُ:** نشانيون ظاهر ٿيڻ کانپوءِ کير 24 ڪلاڪ تائين بند ڪري ڇڏجي ۽ مکئي يا ڪڻڪ جي رب ڏجي، کير ۾ گرم پاڻي شامل ڪري ڏجي، پر ان ۾ کير جو ٽيون حصو هجي. تازي ويامل ڳئون يا مينهن جو پس ڏيڻ به فائديمند آهي، ڦرن کي صاف لوڻ جي سئي نس ۾ لڳائجي. بيمار ڦرن کي هميشه خوراڪ دار ۽ صاف ٿانون ۾ ڏيڻ گهرجي.

### 2. نمونيا:

دستن ۾ مبتلا ڦرن کي هيءَ بيماري ٿيندي آهي. جيڪا عام طرح موسم بدلجڻ ۽ گهم جي ڪري ٿيندي آهي.

**نشانيون:** بخار جو وڌڻ، ساھ کڻڻ ۾ تيزي ڪنگهه، کير نه پيئڻ، سُست ٿيڻ.

**علاج:** (Tylosin) يا ٻئي ڪا اينٽي بايوٽڪ سُئي هڻائڻ گهرجي.

### 3. ڪيڙن جي نمونيا:

هي بيماري (Dictyo caulus viviparous) ڪيڙن جي ڪري ٿيندي آهي. هي بيماري 4 کان 5 مهينن جي ڦرن کي ٿيندي آهي. هن جون نشانيون به اڳيون نمونيا جهڙيون ٿينديون آهن.

**علاج ۽ بچاءَ:** ڪيڙا مار دوا جو وزن پيارڻ گهرجي.

### 4. ڦرن جو خناق:

هي شديد وچڙندڙ بيماري آهي. جيڪا گهڻو ڪري گهرن ۾ پلجندڙ ڦرن کي ٿيندي آهي، خراب خوراڪ ۽ گندگي هن بيماري جو سبب آهي.

**نشانيون:** ڦر کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏيندا آهن. ڪنگهه ٿيڻ، ڳگ وهڻ، تيز بخار مهارون سڄيل جن تي خاڪي يا ڦڪي رنگ جو مادو ڄميل ٿئي ٿو. جنهن ڪري وات ۾ ڦٽ ٿئي ٿي ۽ زبان سڄي وڃي ٿي. ساھ کڻڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي، جانور ڪمزور ٿي مري وڃي ٿو.

### 5. ڦرن کي مدي جو بخار:

هي بيماري خاص جيوڙن سالمونيلا جي ڪري ٿيندي آهي، هي بيماري ڦرن جي دستن سان ملندڙ جلندڙ آهي، پر هي وڏن ڦرن کي يعني 6 کان 12 هفتن جي عمر ۾ ٿيندي آهي، ۽ ڦرن ۾ جلد پکڙجندي آهي.

**نشانيون:** ڦر سُست ٿي کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏيندو آهي، بخار وڌي ويندو آهي، پهريان قبضي ۽ پوءِ ڦڪي رنگ جا دست شروع ٿين ٿا. جيڪي پوءِ گهاٽا ۽ ڳاڙها ٿين ٿا. هن بيماري ۾ موت جي شرح وڌيڪ هوندي آهي. پوسٽ مارٽم ۾ جگر ۽ گردا سڄيل ۽ اوجهري ۽ آنڊن تي سوڄ ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

**علاج:** ڊاڪٽر جي هدايت موجب نائٽروفيروازون ۽ اينٽي بايوٽڪ دوائون استعمال ڪيون وڃن.

# CLIMATE-SMART AGRICULTURE

Climate smart agriculture (CSA) is on integrated approach for developing technical, policy and investment conditions to achieve sustainable agricultural development for food security under climate change. It integrates the three dimensions of sustainable development (economic, social and environmental) by jointly addressing food security and climate challenges. Climate change can disrupt food availability, reduce access to food and affec t food quality for example, projected increases in temperatures, changes in precipitation patterns, changes in extreme weather events, and reductions in water availability may all result in reduced agricultural productivity.

**What is climate-smart agriculture?**

Sustainably increased agricultural productivity and incomes resilience (adaptation) and building resilience to climate changes it reduces/removes green houses gases (mitigation)

**Why is climate smart agriculture needed?**

Developing climate resilient agriculture is thus crucial for achieving future food security and climate change goals. It quickly by adoption and mitigation strategies.

The concept was put forth in 2010 by the FAO. This is also known as climate resilient Agriculture (CRA). It is relatively new approach to develop the technical, political and financial condition for the achievement of sustainable goals.

**CLIMATE SMART AGRICULTURE PRACTICES AND TECHNOLOGIES ADOPTED INCLUDE.**

**1. CROP MANAGEMENT:**

- Inter cropping for proper utilization of space, pest control & cash crop production.
- Crop rotation should includes legumes.
- New crop varieties (e.y drought, wind & flood tolerant)
- Improved storage and processing techniques.
- Greater crop diversity.
- Underground crops (e.g Yams & clasher).
- Stake plants to reduce wind damage.
- Compost and organic fertilizer.
- Mulching crops.
- Shade Houses.

**2. Soil and water Management:**

- Conservation Agriculture (e.g minimum tillage).
- Contour planting.
- Use mounds to plant on slops.
- Grass barriess (e.g kush grass).
- Tone barriess.
- Water storage (e.g rain water harvesting).
- Improved irrigation (e.g drip irrigations).

**3. Agroforestry**

- Use of boundry trees and wind breaks.
- Nitrogen-firing trees on farms (e.g legumes).
- Multipurpose tress (e.g fruits trees used as windbreaker).
- Fruit orchards.

**WAY FORWARD**

Developing countries must undergo a significant transformation in order to meet the challenges related to food security and climate change. Effective climate smart practices already exist and could be implanted in the agricultural systems of developing countries. Farmer need to be supported both technically and financially as they adapt C.S.A practices delevart to their geography. Adopting an ecosystem approach, working at landscape scale and ensuring intersectional coordination and cooperation is crucial for effective climate change responses. Synergistically combining financing from public and private sources. Extension functionaries are having medium level awarness about the impact of climate change on agriculture. They used electronic media trainings, conferences and seminars as major sources of information for climate change. Global partnerships and knowledge sharing are critical pillars of the mitigation strategy. The global alliance for climate smart agriculture will be a key player in proper gating policies and action plan for C.S.A adaptation.

# جناب سهيل احمد قريشي، سيڪريٽري زراعت
# سپلاءِ ۽ پرائسز ڊپارٽمينٽ، حڪومتِ سنڌ جون مصروفيتون











# جناب منير احمد جماڻي، ڊائريڪٽر جنرل
# زرعي توسيع سنڌ جون مصروفيتون






